
آسماني
پري
پال ڪوسٽانون
مينا مير

# آسماني پري

## (ٻال گيت)

هينا اگناڻي ”هير“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**Asmani Pari**
(Children Poems)

Heena Agnani "Heer"

Year : 2021
Edition : First
Copies : 500
Price : 250
ISBN No: 978-93-5419-506-8

Publisher:
Heena Agnani "Heer"
B- 703, Sangath Pylon,
Koteshwar Road
Motera – Ahmedabad 380005
Mob : 9624480977, Email :
Printer: heenaagnani15@gmail.com
Darshar Printers
Bapunagar, Ahmedabad – 370205

**With the help of National Council for Sindhi Promotion of Language, Delhi**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ليکڪ جي قلم مان ....

ٻال ساهتيہ جي  ڪڙيءَ ۾ هي منهنجو پهريون ڪتاب آهي، مون محسوس ڪيو آهي تہ، سنڌي ساهتيہ ۾ ٻال ساهتيہ گهٽ ٿو ڇپجي، اُن ۾ بہ ٻال ڪويتائن جا مجموعا تہ نہ جهڙا ڇپجندا آهن، ان ڪري ئي  هي ٻال ڪويتائون لکي، ڪتاب جي صورت ۾ڇپائي پانڪن ۽ ساهتيڪارن اڳيان آندو آهي.

هن ڪتاب جي خوبي اِها آهي جو سڀني ڪويتائن جا وشيہ ٻارن جي  ڏانو جا چونديا آهن، جيئن رنگ ۽ ميوا، چم چم چم چم، پوپٽ، باز ڪتاب وقتائتا ٻول، ٻال، ڪرشن، شيام سندر، وڻ ۽ ٻيلا، ڏاڏو ڏاڏي وغيره. مثال طور

جڏهن پکي، اُپ ڏي اُڏن تا
ڏاڍي  ڏس ۾ موج ڏين تا.
ڪتاب جي ٽائيٽل آهي ”آسماني پري“
آهي اُها تہ سهڻي پري
ٻار ڪي تہ سا، ڏاڍي وڻي
چيو تنهن، اچ ٻار تون پَرن تي،
جي  دل تنهنجي سرڳ ڏسڻ جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٿي،
چ نچي ٿي.
ٿ، باز جهڙا وشيہ آهن جيئن ٻارن کي گيان
بہ حاصل ڪري سگهن.
ڪتيون، آشا ۽ همٿ کان سواءِ قدرت جي
اقف ڪرائن ٿيون.
ٻن تي ڪوتائون، ٻارن کي قوت بخش کاڌي
ت کن ٿيون، ٻارن کي ڪئلشم ۽ وٽامنس
ي خيال کان اهميت رکن ٿيون.
ن رچڻ وقت سؤلي ۽ سپڪ ٻوليءَ جو ڌيان
ين ۾ (هم آواز لفظن) ۾ ڪتب آندل لفظ
ڪيا آهن. مان برک ۽ اعليٰ شاعر ڪيمن
رائتي آهيان جنهن هن ڪوتا سنگرهہ پڙهي
نو آهي. گڏوگڏ شري واسديو موهي، شري
شري ڄينو لالواڻي ۽ شري هوندراج بلواڻي
شڪرانا مڃان ٿي جن هميشهہ منهنجي همٿ
ي آهي پر رهنمائي پڻ ڪئي آهي. ٻارن جون
ڻ سؤلو ڪاريہ ڪونہ آهي. ڇو جو ٻارن جي
وجي، اُنهن جي پسند ناپسند جو خيال رکي،
سان گڏ منورنجن بہ ملي، اِن جو خيال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکندي وشيہ جي چونڊ ڪرڻي پوي ٿي. لفظ بہ تمام سؤلا پسند ڪيا آهن جيئن هو سمجهي سگهن.

ٻال ڪويتا جون بہ سٽون :

ڪارا ڪارا بادل ڪارا،

برسات جا ڪن سي وَسڪارا!

هن ڪتاب ۾ 100 کان مٿي ڪوتائون آهن. مون ڪوشش اِها ڪئي آهي تہ ٻارن جي سڀاوَ ۽ عادتن کي خيال ۾ رکي اهڙو ڪوبہ وشيہ نہ چونڊجي وجي. ايتري قدر جو رات جوأڏامندڙ پکي چمڙا کي بہ باقي نہ رکيو آهي. اُميد آهي تہ هي ٻال سنگره ٻارن کي خوب وندرائيندو ۽ کي سنا گڻ پڻ ڏيندو.

هينا اگناڻي "هير"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

سائين پڳوان نردوش سنڌيءَ جو سهڻو شاعر آهي. هينا اگناڻي ’هير‘ جنهن سنڌي ادبي ميدان ۾ پير پاتو آهي، اها سندس سڪيلڌي ڌيءَ آهي. ننڍي ٿهي سنڌي ادب کي مالا مال ڪرڻ لاءِ اڳتي قدم وڌائي، اهو سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءَ سنو سوڻ ئي ليکبو. هينا ادبي ماحول واري گهر ۾ ڄائي ۽ پلي نپني ان ڪري ڪيس ادبي ٻوجهه آهي. هوءَ ٻهڳڻي شخصيت جي مالڪڻ آهي. ليکڪا، شاعرا، ڪالمسٽ ۽ آرٽسٽ هئڻ سان گڏو گڏ آڪاشواڻي ۽ دوردرشن جي مڃتا حاصل ڪيل سنڌي ڊراما آرٽسٽ ۽ نيوز ريڊر ڪم ٽرانسليٽر بہ آهي. جي.ٽي.پي.ايل. سنڌي ٽي.وي. چئنل تي اڍائي سال ڪم ڪندي هن سنڌين جي هڪ سؤ کان وڌيڪ وڏين شخصيتن جا انٽرويو ورتا. کان سواءِ ’برهم گياني سوامي ليلاشاهہ‘ ۽ ’شهيد هيمون ڪالاڻي‘ نالي بہ ننڍيون ڊاڪيومينٽريون پڻ پنهنجي هدايتڪاريءَ ۾ ٺاهيون آهن.

هينا اگناڻي زندگيءَ جون ستيتاليهہ بهارون ماڻي چڪي آهي. لکڻ جو ڪم هوءَ ڪافي وقت کان ڪري رهي هئي، جيڪو مختلف سنڌي اخبارن ۽ مخزنن ۾ شايع ٿيندو رهندو هو. پر سندس پهريون ڪويتا سنگرهہ ”شبنم موتي“ نالي سان سال 2017ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو جنهن تي گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ ڪيس انعام ڏنو. هيءُ ڇوٿون ٻال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوتائن جو مجموعو ”آسماني پري“ توهان جي هٿن ۾ آهي، جنهن ۾ هر عمر جي ٻارن جون ڪوتائون شامل ڪيل آهن.

عام طور 15 - 14 سالن جي عمر تائين انسان کي ٻار ليکيو ويندو آهي. ٻار جنم کان وٺي ڏيري ڏيري وڪاس ڪندو آهي. هو هڪ سال تائين پاشا سکڻ جي ڪوشش ڪندي چپن ۾ بي مطلب لفظ اُچارڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي. ڏيڍ سال جو ٿيندي ٿيندي اَمان، بابا، دادا، ڪاڪا وغيره جهڙا سولا لفظ اُچارڻ لڳندو آهي، پوءِ ٻن لفظن وارا جملا چوڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جيئن : پاڻي ڏي، ممي آءُ وغيره. اڍائي سالن کان وڌو ٻار کي ٿورا ڏگها جملا ٻہ ڳالهائي ويندو آهي. گهر جي ڪن شين جا نالا سکي ويندو آهي. آسپاس جي جانورن جهڙوڪ ڳانءِ، مينهن، ٻڪري، ڪتو وغيره سان گڏو گڏ سج، چنڊ تارن، رنگن، سڪن ڪپڙن وغيره ڪيترين ئي شين کي سڃاڻي انهن جا نالا ٻہ چئي ويندو آهي. ائين چئن سالن تائين ٻاروٽ لفظن جو چڱو ڀنڊار ڪنو ٿي ويندو آهي. پنجن سالن کان ٻار کي سانپر اَچي ويندي آهي. ڇهن سالن جو ٿيندي ٿيندي ٻار ڏينهن، صبوح، شام، منجهند، رات، اونهاري، سياري، چوماسي وغيره کي سڃاڻي ويندو آهي. پنهنجي زندگيءَ ۾ ٿيندڙ واقعن کي ياد پڻ رکي سگهندو آهي. هينا ماءُ آهي ڪيس ان جي ڄاڻ ضرور هوندي.

عام طور ائين مڃيو ويندو آهي تہ ٻارن جو ساهتيہ سرجڻ تمام سؤکو آهي. ان لاءِ ساهتيڪار يا شاعر کي خود ٻار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻـڄي ٻال ساهتيہ جو سرجڻ ڪرڻو پوندو آهي. وڏن لاءِ ٻار ٻـڄڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو آهي. بهرحال جيڪو ان رمز کي سڃاڻي ويندو آهي، اهو ئي سٺو ٻال ساهتيہ سرجڻ ڪري سگهندو آهي.

هينا جي ٻال ڪوتائن جي هن مجموعي جا موضوع (وشيہ) ٻارن جي ڏانو جا آهن، جيئن تہ : رنگ ۽ ميوا، مڇيون، سرڻ، ڳانءِ ۽ ماتا، ڪتاب، پوليس وارو، عجيب رانديڪو، قلم، ڏاڏو ڏاڏي، ٻارن لاءِ رانديون ، ڀاڄيون، طوطو، هاٿي، جليبيون، تيرڪمان، آئيسڪريم، ڦوڪڻو، رابوٽ، بادل وغيره وغيره.

ڪتاب جي پهرين ڪوتا جو سرو آهي ”پرارٿنا“. ان جون ٻہ سٽون ڏسو :

خلق سڀي جو خالق آهين،
جڳ ساري جو مالڪ آهين.

ٻين ڪوتا ”رنگ ۽ ميوا“ جون چار سٽون ٻہ نظر مان ڪڍندا هلون :

ميون جا دلڪش رنگ ٿين
پسن پکين کي پاڻ ڏي ڇڪن،
انبڙيءَ جو رنگ تہ سائو ٿئي،
انب ٻڻڻ تي ٿو ڳاڙهو ٿئي!

ٻال ڪوتا ۾ ردم جو هئڻ ان جي ڪاميابيءَ جي ضمانت ٿيندو آهي. ردم هوندو تہ ٻار ان ڪوتا کي گنگنائي يا ڳائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهندا. اهڙي ڪوتا ڪين وڻندي نہ تہ هو ڪوتا کي ٿورو پڙهي اُڇلائي ڇڏيندا. ”مڇي“ سري واري ڪوتا ۾ چيل آهي:

مڇيون تہ جل ۾ ئي رهن ٿيون
بن جل جي جي نہ سگهن ٿيون.

چير جي باري ۾ سادن سولن اکرن ۾ ٻارن کي ٻڌايو ويو آهي تہ :

”ڇم ڇم ڇم ڇم“ چير ڪري ٿي،
ناچڻي جڏهن ناچ وجهي ٿي.

اَڳي ڏاڏيون نانيون ٻارن کي ديون ۽ پرين جون آکاڻيون ٻڌائينديون هيون. اهي ٻارن کي ڏاڍيون وڻنديون هيون. هاڻي ائين ڪونهي. ان ڪري هينا پنهنجو ٻچپن ياد ڪندي ٻارن کي ”آسماني پري“ نالي ڪوتا ۾پريءَ بابت ٻڌائيندي چوي ٿي :

ٻار خوش ٿي پرن تي وينو،
سڄو نظارو تنهن اُپ جو ڏٺو،
ڪڪرن مان هو لنگهندا ويا ٿي،
ڦوهارن جان، پسندا ويا ٿي.

هينا جي ٻال ڪوتائن ۾ اڪثر اهڙيون شين جو ورنن ڪيل آهي، جيڪي ٻارن جون ڏٺل آهن. ”پوپٽ“ سري واري ڪوتا ۾ شاعرا ٻارن کي ٻڌائي ٿي :

خاص تہ باغن ۾ اڏندا آهن،
ڪڏهن گهرن وٽ ايندا آهن،
ٻارن کي ٿا خوب سي لڀائن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڪڙڻ لاءِ اُهي ڊڪ ٽا پائن.

”سرڻ“ ٻه ٻارن جي ڏٺل هوندي آهي پر ڪين خبر ڪانه هوندي آهي ته اها باز جهڙي ٿيندي آهي، رڳو ان ڪان قد بت ۾ ننڍي ٿيندي آهي. اها ڳالهه شاعرا ٻارن کي ٻڌائي ٿي :

باز مثل ئي سرڻ لڳي ٿي،
قد ۾ ٿوري ننڍي هجي ٿي.

ٻارن جو شبد ڀنڊار تمام ننڍو ٿيندو آهي. ان ڪري خلق، خالق، دلڪش، ليائن ۽ مثل وغيره جهڙا لفظ ٻارن جي لاءِ ڀاري آهن. اُنهن جا سولا هم معنيٰ لفظ لکڻ گهرجن.

”ڪتاب“ جي باري ۾ سادن لفظن ۾ ڏسو ته ڪيڏو نه سهڻو اظهار ڪيل آهي.

ڪتاب اسان جا ساٿي آهن،
گيان اسان کي ڏيندا آهن.

”رکوالي“ ڪوتا جي هينين ٻن سٽن ۾ به سولا سنڌي لفظ ڪتب آندل آهن.

باغ ۾ ٿيندو آهي مالهي،
باغ جي ڪري سو رکوالي.

ٻال ساهتيڪار جو فرض آهي ته هو پنهنجي ٻوليءَ جا لفظ هوندي ڌارين ٻولين جا لفظ ڪتب نه آڻي. ”رموٽ“ لفظ سنڌيءَ ۾ ڪونهي ته اهو ڪم آڻڻ سان سنڌي ٻوليءَ جو شبد ڀنڊار وڌندو، پر جي دروازو، دريا اناناس جهڙا سنڌي لفظ هوندي انگريزي لفظ ڊور يا پائينيپل لکبا ته ان سان پنهنجي سنڌي ٻولي هيٺي ٿيندي. مثال ڏسو :



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ رموٽ تي جڏهن هلي ٿو،
ٻور، ڪار جو ڪلي پوي ٿو.
ناريل مثل ئي هوندو آهي،
پائينيپل سو سڏبو آهي.

ٻار سدائين ڪلندا ٽڙندا رهندا آهن. مايوسي سندن سياءَ ۾ ڪانه هوندي آهي. ٻار هڪ گهڙيءَ لاءِ پاڻ ۾ وڙهندا، روئندا، پر ٻيءَ گهڙيءَ وري ساڳئي جا ساڳيا. ان ڪري ٻال ساهتيڪار کي ان ڳالهه جو خاص ڌيان رکڻ کپي. ڏسو ٻار خوش ٿي دوستن کي ڇا ٿو چوي :

ڪم ۾ مون سان پڇي نہ ڪير،
آنءُ امان جو ننڍڙو شير،
جهيڙو جهڳڙو ڪين ڪريان ٿو،
ڪڏهن نہ رکان ڪنهن سان وير.

ساهتيہ سرجڻ هڪ تپسيا آهي. جيڪو جيترو وهندو اهو اوترو لهندو. هينا اگناڻيءَ جي هيءَ پهرين ڪوشش آهي. ڪي ڪچايون ڦڪايون ٿي سگهن ٿيون، پر انهن کي در گذر ڪري نئين ٿهيءَ جي همٿ اَفزائي ڪرڻ جڳائي. هن ٻال ڪوتائن جي مجموعي ۾طرح طرح جا ذائقيدار طعام آهن. توهان کي جيڪي وڻن سي ڪائو. ضرور لذت ماڻيو.

**ڪيمن يو. مولاڻي**
31 آڪٽوبر 2019ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**”رابوٽ“**

نس پس ٻارو! ماڻھو لڳي ٿو،
سچ پچ تہ ’رابوٽ‘ ھجي ٿو؟

**”پائينيپل“**

ڇلي اِنھيءَ کي ڪنبو آھي،
گول گول چڪرا تي پوندو آھي!
سواد ۾ آھي سو، ڪٿو مِٺو،
آھِ گھٽن شؤق سان ورتو!

**”پڪي نرالو“**

چہرو آھي پڪي نرالو،
رات ۾ ئي پر، اُڏڻ وارو!
ڏينھن سڄو ڪنڌھر ۾ رھي ٿو،
ڪنھن پٽ تي چنبڙي پوي ٿو،

**”ڏاڏو“**

رات پنيان تي پريات اَچي،
ننڊ مان ڏاڏو تو جلدي اُٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**”رڪڙي تهوار“**

ڏاڍي جي هيءَ ٺاهيل رڪڙي آ،
ڀيڻ جي، ڀاءُ لاءِ هٿ ڪڙي آ!

**”چوماسو“**

چار مهينا ٿئي چوماسو،
برسات جو ڇڻ تہ تماشو!
هَر مُند کي پنهنجي اَهميت،
چوماسو ٻارن لئہ نعمت!

**”ٽيڪم جو ٽوپلو“**

ٽيڪم دائم ٽوپلو پائي،
پائي سو، اَنگريز سڏائي. (ڏکيا اکر ... دائم)

**”من جا سچا“**

ٻارَ سدائين سچ ٿا ٻولين،
ڪوڙي کي ڪوڙو چون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**”موڪل جو ڏينهن“**

جڏهن بہ هِت ڪو تهوار اَچي،
ڌوم ٻارن جي ٿي اُتي مچي!

**”سرڪار جي نيتي“**

هاڻ نهي ٿي سِمارٽ سِٽي،
سرڪار جي سا، ڳالهہ سُٽي.

**”چير“**

ڇم ڇم ڇم ڇم چير وڄي ٿي،
ٻارن کي سا، خوب وڻي ٿي.

**”ميٽرو ٽرين“**

غريب لوڪل ٽرين ۾ چڙهن،
اُن ۾ پيي ڪيڏو ٿا خوش ٿين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ”ڪيچا ڪچريون“

دال ۾ چانور جڏهن ملن ٿا،
ڪيچا ڪچريون تڏهن وٽن ٿا.

## ”طوطو“

ٻارو! مان هِڪُ طوطو آهيان،
رنگ سائي جو هوندو آهيان.
ڳاڙهي رنگ جي چهنب آ منهنجي،
طوطيلي پر ٻولي آ، وٽندي.

## ”هاٿي“

هاٿي آيو هاٿي آيو،
ڄڻ تہ اَسانجو ساٿي آيو.
دوست اَسان جو، پيارو آهي،
وندر وسيلو نيارو آهي.

## ”ڏهي وڙا“

ڏهي  وڙا، پائي ڏهي وڙا،
ڪائن وينا سي ڏِسو، گراهڪ گهٽا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ”برسات“

برسات وسي ٿي برسات وسي ٿي،
۽ ٻارن کي ڏاڍي موج اَچي ٿي.
ٻار ننڍا ڪپڙا لاهي نچن ٿا،
ڦھنگين ۾ پُسڻ جي، موج وٺن ٿا.
مشاھدو ڏسو :

## ”چنڊُ“

ڏينھن پنڌرھن چنڊُ ھُجي ٿو،
ڏينھن پنڌرھن ڏسڻ نہ اَچي ٿو.
چنڊ تہ صرف اُماس ڏينھن غائب رھندو آھي. شاعرا
کي خبر ئي ڪانھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پرارٿنا

پهاڙ نديون جهنگ تو اُپايا،
سج چنڊ ستارا تو ٺاهيا،
خلق سڀني جو پالڪ آهين
جڳ ساري جو مالڪ آهين!

(1)

ڌرتيءَ ۾ باغ بغيچا لڳايا،
برسات ڏئي، سي نکاريا،
هڪ پل ۾ ناهه ٻه تون ناهين،
خلق سڀني جو پالڪ آهين،
جڳ ساري جو مالڪ آهين ....

(2)

سُک ڏُک کي تو حصو ٺاهين،
جيون سڀ جو رنگين ٺاهين،
ڪارو رنگ هتي بدنام ٿئي،
ڪارو بادل برسات ڏِئي،
ڪارو ڪارو ڪاجل ناهين،
خلق سڀني جو پالڪ آهين
جڳ ساري جو مالڪ آهين...


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3)

كيڏا جل جا جيوَ بڻايا،
۽ مڇين جا اَنبارَ اُپايا،
ڪتب اُهي ڪاڏي ۾ اَچن،
ڪائڻ سان هڏ مظبوط ٿين،
مَهرَ ڪندو تون اُمالڪ آهين،
مَهرَ ميا جو سنچالڪ آهين،
خلق سڄيءَ جو پالڪ آهين،
جڳ ساري جو مالڪ آهين ....





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رنگ ۽ ميوا

انبڙيءَ جو رنگ تہ سائو ٿئي،
انب ٻڻ تي تو ڳاڙهو ٿئي!

(1)

پر ٻين ڦلن ۾ نہ ائين ٿئي،
ڳُلَ ۾ تو ڪلوروفل رهي،
سج جو پرڪاش جڏهن ملي،
فوٽو سنٿيسز جي ڪريا ٿئي،
ڦل تو مِنو ۽ رنگين ٻٽي،
انبڙيءَ جو رنگ تہ سائو ٿئي،
انب ٻڻ تي تو ڳاڙهو ٿئي!

(2)

ڪلورو پلاسٽ جا رنگ جُدا،
ڪيسري ڄمُڻ جان ۽ پيلا،
ڏاک ڪچي تي سائي ٿئي،
پوءِ پچي تي ڪاري ٻٽي،
تربوج ائين ڳاڙهو لڳي،
انبڙيءَ جو رنگ تہ سائو ٿئي،
انب ٻڻ تي تو ڳاڙهو ٿئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3)

ميون جا دلڪش رنگ ٽين،
پَسُن پڪيُن کي پاڻ ڏي ڇڪن،
ڪائڻ وقت کي پٽ تي ڪرن،
جن مان ٻيا ڦل ٿا اُپجن،
سواد سڀِني ٿِن جو وٽي،
انبڙيءَ جو رنگ تہ سائو ٿئي،
انب ٻڻڻ تي تو ڳاڙهو ٿئي!









www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وِڇون

جيءَ نن‍ڍو تہ وِڇون آ ٿيندو،
اُن جي پُڇ ۾ ڏنگ آ هوندو!

زهر ڀريل ڏنگ ۾ ئي رهي ٿو،
هڻي ڏنگ تہ ماڻهو مري ٿو.

ڌرتيءَ اندر ٻرن ۾ رهن ٿا،
ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر اَچن ٿا.

ڏسن وِڇون جي، ماڻهو ڀڄن ٿا،
ڪي پٿر هڻي سو، ماري ڇڏن ٿا.

عجيب شِڪل اُن جي آ ٿيندي،
ڏسي اُها تہ اُلٽي آ ايندي!

ڪي سپيرا، زهر چوُسي ڪڍن ٿا،
ائين بچائي سي ماڻهو وٺن ٿا.


شل! مالڪ وِڇونءَ ڪان بچائي،
اِهائي اَسانجي وينتي آهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com


# مَڇيوُن

مڇيون تہ جل ۾ ئي رهن ٿيون،
بِن جلَ جي جيِ نہ سگهن ٿيون!



(1)

سمنڊ اَندر ئي سي ترِڳِنِ ٿيون،
ڏيون ڪاڏو، مُنهن ٻاهر ڪڍن ٿيون،
نَرُ مڇي ٿي، پر پَلو سڏجي،
مڇيءَ وانگر ئي سو ترجي،
آني اُن ۾ ئي ٿي پلجي،
تريل اُها ٿي خوب وڻي،
داڻ داڻ، تنهنجي مزو ڏئي،
ڄار ۾ سي ڦاسي پون ٿيون،
مڇيون تہ جل ۾ ئي رهن ٿيون.




(2)


ڦاسائي مهاڻا وڪڻن ٿا،
مڇيءَ بازار ۾ اَچن ٿا،
مايون بہ مڇي وڪڻن ٿيون!





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڇي، پلو جا آواز اَچن،
خريدار اُتي چِڪجي تا وڃن،
ڇُلڙ مڇيءَ جا لاهي سي ڇڏن،
گهر ۾ رڌنِ يا تريل وٽن ٿيون،
مڇيون تہ جل ۾ ئي رهن ٿيون.











www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڇم ڇم ڇم ڇم

”ڇم ڇم ڇم ڇم“ ڇيرَ ڪري ٿي،
ناچڻي جڏهن ٻه ناچ نچي ٿي.

(1)

سونهن سندس بيشمار آهي،
ناچ ڪرڻ لاءِ سا تيار آهي،
ڏيان ڏئي ٿا سڀُ ٻار ڏسن،
تاڙيون وڄائي، ’واه واه‘ ڪن،
زالون پڻ ٿيون هي ناچ ڏسن،
’ڪمال آ‘ ٿِيون چئي ڏين،
ڇم ڇم ڇم ڇم ڇير ڪري ٿي،
ناچڻي جڏهن ٻه ناچ نچي ٿي.

(2 )

حال سڄو درشڪن سان ڀريل،
ٻار ماءُ جي گود ۾ ئي ويٺل،
ڏيان سيني جو ناچ ۾ آهي،
ڪِن جو مگر، واڇ ۾ آهي،
ڇم ڇم ڇم ڇم تيز ٿئي ٿي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِسٽيج سڄي گونجي اُٿي ٿي،
عجب خوشي خلق کي ھُجي ٿي،
ٻارن کي گھڻي موج اَچي ٿي،
ڇم ڇم ڇم ڇم ڇير ڪري ٿي،
ناچڻي جڏھن بہ ناچ نچي ٿي.

## آسماني پري

تصويرن ۾ ٻار آ ڏٺي،
سپني ۾ سامهون بيٺي اَچي!

(1)

آهي اُها تہ سُهڻي ڪا، پري،
ٻار ڪي تہ ساءِ آ ڏاڍي وڻي،
چيو تہ اَچُ ٻار پَرن تي،
جي دل تنهنجي، سرڳ هلڻ تي،
سُرڳ اتئي سنسار انوکو،
ڳالهہ ٻُڌي ٿي آ، خوشي گهڻي،
تصويرن ۾ ٻار آ ڏٺي،
سپني ۾ سامهون بيٺي اَچي!

(2)

ٻار بہ خوش ٿي پرن تي ويٺو،
سڄو نظارو، تنهن اُپ جو ڏٺو،
ڪڪرن مان هوُ لنگهندا ويا ٿي،
ڦوُهارن جان، پُسندا ويا ٿي،
هڪ بادل هو سج ڪي لڪايو،
چوڌر ٿي ويو اوندهہ _ سايو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصوير ۾ ٻار آ ڏني،
سپني ۾ سامهون بيٺي اَچي،
چيو پريءَ: ڪائي چنتا ناهي،
ٻنهي پرن ۾ بلب آهن،
بنا ڪرنٽ جي هلندا آهن،
ڪين ڪڏهن وسامندا آهن،
ڏِس تہ ٿي، ڪِئن روشني آهي،
عجب اَسانجي زندگي آهي.
آهِ پَري پهتي، سرڳ ۾ اَچي،
تصويرن ۾ ٻار آ ڏني،
سپني ۾ سامهون بيٺي اَچي!




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪتڻُ

جتي بہ وڃي ٿو ڪتي اَچي ٿو،
راند وڃي، ڪھڙي بہ ڪري ٿو!

(1)

نانءُ انھيءَ جو تہ ڪتڻ آھي،
ڏاڏي، ڏاڏيءَ سو رکيو آھي،
سيپيئي بُڌي تا ڪلڻ ۾ چُٽن،
ماڊرن نالن ۾ جي وشواس رکن،
سو مائٽن کي پيارو لڳي ٿو.
اوڙو پاڙو مگر ڪلي ٿو،
ڪين ڪتڻ پرواه ڪري ٿو،
جتي بہ وڃي ٿو ڪتي اَچي ٿو،
راند وڃي، ڪھڙي بہ ڪري ٿو!

(2)

خاص يارُ تہ جھامن آھي،
نمبر ٻئي ۾ آسن آھي،
ھڪ ئي ڪلاس ۾ سي پڙھن تا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏجي بئنچ تي سدا وهن ٿا،
پڙهڻ لکڻ ۾ هوشيار ٿئي،
جهٽ جواب ڏيڻ ۾ تيار ٿئي،
اُستاد جو جڏهن پيار ملي ٿو،
جتي بہ وجي ٿو ڪٿي اَچي ٿو،
راند وجي، ڪهڙي بہ ڪري ٿو!




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سريتا

منهنجي سريتا سهيلي آهي،
ماءُ پيءُ جي سڪيلڏي آهي!

(1)

اِسڪول ۾ منهنجي خاص سهيلي،
گڏجي وهون هوءَ ناهي اَڪيلي،
ڪلاس سڀي ۾ حاضر جواب،
تڏهن تہ رهيس خاص رُبابُ،
تيچر ڪي پڻ پياري آهي،
تنهن تان سا ٻلهاري آهي،
سُپاءَ ۾ مِٺي، جليبي آهي،
منهنجي سريتا سهيلي آهي،
ماءُ پيءُ جي سڪيلڏي آهي.

(2)

انعام گهڻا ئي ڪٽي اَچي ٿي،
جنهن بہ چٽاپيٽيءَ ۾ وڃي ٿي،
ٽافيون ميڊل سڀ ڪٻٽ مٿان،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيکاري سي خوشيءَ وچان
منهنجي صلاح کيس وڻي ٿي،
خوش ٿي پڪ عمل ڪري ٿي،
ٻي هڪ ساهيڙي چميلي آهي،
منهنجي سريتا سهيلي آهي،
ماءُ پيءُ جي سڪيلڌي آهي!



## پوپٽ

نَنڍڙا پَرَندا پوپٽڙا آهن،
پيلا ڳاڙها ڪي، چٽڪمرا آهن!

(1)

خاص ته باغن ۾ اُڏندا آهن،
ڪڏهن گهرن وٽ ايندا آهن،
ٻارن کي تا خوب سي لُيائن،
پَڪڙڻ لاءِ اُهي ڏُک تا پائن،
ڪِن کي ئي هٿ ۾ ايندا آهن،
۽ پڪڙي اُهي خوش ٿيندا آهن،
پَرَ تن جا، پَشَم جان هوندا آهن،
نَنڍڙا پَرَندا پوپٽڙا آهن،
پيلا ڳاڙها ڪي، چٽڪمرا آهن!

(2)

اِهي پَرندا ڏاڍا پيارا آهن،
سڀن پکين کان نيارا آهن،
پري اُڏن نه، ڏسڻ نه اَچن،
جڻ ته اکين کان اوجهل ٿين،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏِسن جتِ گل تا، اُتي اَچن،
خوشبو وني ڏاڍو خوش ٿين،
پَل ڪارا ڪي پتڪڙا آهن،
ننڍڙا پَرَندا پوپٽڙا آهن،
پيلا ڳاڙها ڪي، چٽڪمرا آهن!






# باز



باز پکين جو راجا آهي،
نندا پکي جهڙي ٿو کائي!

اوچي هنڌ تي وهندو آهي،
نظر شِڪار ڏي رکندو آهي.

مري جناورُ تہ وجي اُتي،
چُهنب سان ماس کائي کَڻي.

گهر تِن جو جهنگ جَهڙ آهي،
شهر ۾ نہ ٿيندو دِپُ آهي.

هٿن مان مالُ کسيندو آهي،
ٻارُ تڏهن خوب روئندو آهي!
بازُ پکين جو راجا آهي.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سِرڻ

باز مثل ئي سِرڻ لڳي ٿي،
قد ۾ ٿوري ننڍي هُجي ٿي!

شهر ۾ هر جاءِ تي اُڏي ٿي،
بجلي ٿنين تي هوءَ اَچي وِهي ٿي.

شڪار ننڍن پکين جو ڪري ٿي،
عادت باز جيان ئي رکي.

ٻارن ڪان ٿي جهٽ ٿولُ ڦُري،
ٻار زور سان ٿو روئڻ لڳي.

ماءُ سِرڻ کي شيطان چوي،
هَٿ ٻار جي سِر تي رکي.

پوءِ ٻيو ٿي ڪيس ٿول ڏِئي،
روئڻ اِئين پوءِ هوءَ بند ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ نہ ويجھو سِرڻ اَچي ٿي،
اُڏي اُھا پوءِ پري وڃي ٿي.

باز مثل ئي سِرڻ لڳي ٿي،
قد ۾ ٿوري ننڍي ھُجي ٿي!

## چو؟

ممي! راجا رامچندر
مريادا پرشوتم
سڏجي ٿو
نياءُ ڪاري هو
ائين چون ٿا
ٿ
سيتا ماتا جي اگني پريڪشا
بہ ورتائين
پوءِ بہ
هڪ ڌوٻيءَ جي
چوڻ تي
ڪيس بنواس موڪليو
چو؟





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳانءِ ۽ ماتا

ماءُ مثل ئي جا، ڪير پياري،
سا تہ اَسان جي ماتا آهي!

ڏنار ئي ڳانين کي پالن ٿا،
ڏُهي ڪير، سو اَسان کي ڏين ٿا.

ٻين ڳهرن ۾ بہ ويندا آهن،
روزگار پڻ سندن نيارو.

ڪين لڳي ٿو سو خوب پيارو،
اُن ڏنڌي تي ڪَن ٿا جياپو.

آ جيون تِن جو سادو،
ڍوڍو ۽ مکڻ سندن آ کاڌو.

ائن ئي تِن سُک کي آ پاتو،
ڪڏهن بصر سان ڪائن ماني.

ڏُڌُ جي ڪَنِ مِزماني،
ڳانين تان وجن ٿا ٻلهاري.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گانءِ اُنهن لءِ گُٽڪاري،
گاهُه تي چارڻ ٿا وڃن هاڪاري.

ماءُ مثل ئي جا، ڪير پياري،
سا تہ اَسان جي ماتا آهي!





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻڍيءَ ۾ ٻَلُ

وڳو اِهو ئي ٻِغُلُ آهي،
”ٻڍيءَ ۾ ٻارو! ٻلُ آهي“!

هڪ ڪاني جي الڳ هُجي ٿي،
جهٽ پَٽ سا ڀَڄي پوي ٿي.

هجي اگر ڪا ڀري ڪانين جي،
ڪَٽڻ ڏکيو آ، ڀري ڪانين جي.

ويڙهه جهيڙ نقصان رسائي،
هڪٻئي ۾ ٿي ويرُ وڌائي.

تڏهن وڏا صلاح ڏين ٿا،
”ٻڍيءَ ۾ رهو“ ائين چون ٿا.

ڪوئي اگر دُشمن آهي،
چون وڏا مشين گن آهي.

وڳو اِهو ئي ٻِغُلُ آهي،
ٻڍيءَ ۾ ٻارو! ٻلُ آهي ...


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪتاب



ڪتاب اَسان جا ساٿي آهن،
گيان اَسان کي ڏيندا آهن!

لکڻ ساڻ تو پڙهڻ بہ وٽي،
پڙهي اڳتي تو وڌڻ بہ وٽي.

هڪڙا تين تا اِسڪولي ڪتاب،
ٻيا تين تا ڄاڻ لاءِ ڪتاب.

ڪي ڪي تين حسابي ڪتاب،
ڪي ڪي وري ڪهاڻي ڪتاب.

ٻارن جون ڪهاڻيون وٽنديون آهن،
اِسڪول لئبرريءَ ۾ ملنديون آهن.

واندا هُجون تہ وِندُر اِهائي،
تنگ نہ ڪري پوءِ واندڪائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اَنگوُر



اَنگوُر تہ ڦل جو قسم آهي،
سواد ۾ پر ڪٿو مِنو آهي!

رَتُ اِهو وڌائيندو آهي،
پيٽ کي راحت ڏيندو آهي،
تڏهن کائڻ تو هرڪو چاهي.

ٻار ۽ زالون بہ کائن پيئن اِهو،
تِن جي صحت لاءِ بہ سُنو،
چوُسي کائڻ سولو آهي.

کاڌي کان پوءِ هرڪو کائي،
تڏهن ٻُڍن کي بہ وڻي ٿو،
چوسڻ ۾ ئي مزو اَچي ٿو.

سُکل اَنگوُر ڪِشمِش سڏجي،
گهر ۾ سدائين اُها بہ رکجي،
کنهن وقت بہ کائڻ لاءِ کڍجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڦُوڪڻا



ڦ ... ٽي ٿو،
ه ... نو!

ٻار لاءِ عجيب رانديڪو،
اُهو ونڻ لاءِ ٿو ڏُکي هرڪو.

ڏاڍِي ۾ ٻڌي متي اُڏائي،
لغڙ اُڏائڻ جو مزو پائي.


ڦوڪڻا گڏجي ٿا ٻار اُڏائن،
من پنهنجا ٿا ائين وندرائن.

ٽارن جان ٿا اَڪيون ٽمڪائن،
آرتوار ڏينهن موج ۾آهن.

ڪِن ڪي ڦوڪَڻ، ڦوڪڻا وٽن ٿا،
پنج ڇهه سي تہ ڳنهي ونن ٿا.

گڏجي ڪي ڪي ڦوڪن ڦوڪڻا.
ماٺهو پڻ ٻيهي ڏِسن ڦوڪڻا.

ٻارن لئہ پڻ راند اَنوکي
ڪرڻ اِها هرڪنهن لئہ سوکي،
ڦوڪَڻُ ڦوڪڻا ڪين وٽي ٿو ...





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رکوالي

باغ ۾ ٿيندو آهي مالهي،
باغ جي ڪري سو، رکوالي.

(1)

شهر ۾ گهڻا ئي باغ ٿين ٿا،
شهرين جا جڻ ڦڦڙ ٿين ٿا،
ٻارو! باغ جي سُرهاڻ وٽي،
تازگي اِها تن من کي ڏِئي،
راند روند ڪان پوءِ سئر ڪري،
تنهن لاءِ توهان باغ ۾ وڃو،
تازا توانا اُتان ٿي اَچو،
مائٽن کي ٻيي وٺي وڃو.

(2)

خاص ڪا وينتي تنهن لاءِ ڪيو،
تِن لاءِ ڏينهن آرتوار جو رکو.
ڇو جو موڪل جو ڏينهن اِهو،
گڏجي هلڻ جو موقعو ڏيو،

ڪار ۾ گڏجي خوب گهمو ٿا،
بازار ڏسڻ جو لطف وٺو ٿا،
پَنڌ ڪري صحت آ ٺاهيو،
ڀاري شرير هلڪو بڻايو.
باغ ۾ ٽيندو آهي مالهي،
باغ جي ڪري سو، رکوالي.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪينَ وٽن ٽا

ڪيچلا ٻار تہ ڪين وٽن ٽا،
سڀيئي تِن کان نفرت ڪن ٽا!

ڪيچل هڪ عادت آ بُري،
سا سياڻن کي آ، ڪين وٽي.



ٻارن کي ڏئي سُمت ڪا ڏٽي،
عادت پنهنجي سي، ڇڏن ڪٽي.

چئون اَسان ٽا، ”ڪيچل نہ ڪريو“
صلاح وڏن جي هيءَ ساڻُ ڪٽو.

ڪيچل ٽي ڪري نقصان گهٽو،
ڪل جو ٻارو! باعث نہ بڻو.

دوست سنا کي ڪري وٺو،
تِن کان گڻ کي تہ سُنا سکو.

ڪيچل کي جلائي خاڪ ڪري،
سپاءَ سُني کي ئي ساڻ رکو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساراه سيني جي ڪٽي ونو،
ٻُڌي اِنهيءَ ڪي خوش اوهين ٿيو.

ڪيچلا ٻار تہ ڪين وڻن ٿا،
سپيئي تِن کان نفرت ڪن ٿا.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيابان جي ٻيڙي

اُٺ کي ٻيڙي بيابان جي چون،
سولائيءَ سان ٿا لتاڙي وڃن.

اُن جي پيرن ۾ گاديلا ٿين،
ريت لتاڙڻ ۾ مدد ٿا ڪن.

گهوڙن جي روڊن تي اَهميت،
پر، اُنن لئہ تہ بيابان غنيمت.

ڪاروان اُٺن جو هلندو آ،
ڏيري منزل تي رسندو آ.

ائين هلي واپار اُٺن تي،
مالڪ ظابطو ڪن ڏن ڪي.


شاباس جيڪي ٿا اُٺ پالن،
اُٺ کي بيابان جي ٻيڙي چون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُٺ وڏي لنبائيءَ وارو،
بدن ٿَسِ ڪُٻن ڪوٻن جهڙو.

وينل اُن تي لوڏا کائي،
ڄڻ جهولي ۾ جهولا کائي.

اِنسان نئين لاءِ مشڪل آ،
ٿيندو لوڏن ڪان پر ڊپُ آ.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وگيان جون سهوليتون



مچيون، واگهو سمنڊ ۾ ترن ٿا،
جهاز بہ تئن اُڀ ۾ اُڏن ٿا.

(1)

سهوليتون وگيان ڏنيون آهن،
ايجادون ڪيڏيون ٿيون آهن
هڪڙي ٽِن مان دوربني آهي،
ٻي فوٽا ڪيندڙ ڪئميرا آهي.



چشما نظر جا ڏيان چڪائن،
ٽرئيڪٽر هلندا کيت ۾ آهن.
اُڀ ۾ ويندڙ جهاز بہ آهن،
تڏهن تہ چنڊ تي ڪي پهتا آهن.
مچيون، واگهو سمنڊ ۾ ترن ٿا ...

(2)

توپون، بندوق پستول نهيا،
جنگ ۾ ڪم ايندڙ هٿيار نهيا،
ڪم تہ ڪمال جا وگيان ڪيا،

ماڻھوءَ جيان نھيل روبوٽ ڏنا،
وڪا ھتراڏو بہ وسائن ٿا،
سائنس جا ٿوَ چمتڪار ڪيئن،
ايجادن جا پڻ اُپڪار ڪئين،
اڄا بہ ترقيءَ جا چانس رھن ٿا،
مڇيون، واڳھو سمنڊ ۾ ترن ٿا ...





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گيتا جو سنديش

گيتا ۾ آهي هِئن ڪرشن چيو :
”جيون ۾ سڀ، ڪُجھ ڪرم ڪريو“.

(1)

يارو ڪرم سان تقدير ٺهي،
ائين ئي حياتي تي سڦل بڻي،
ليڪيون ڪرم ڪي سچي ڪمائي،
تنهن ساڻ زندگي بڻي سجائي،
آهه ڪرم جو ڦل سدا مِٺو،
سُستي هميشهه جي لاءِ ڇڏيو،
گيتا جو آ سنديش اِهو،
خوش ٿي سڀ ئي چست بڻو،
فرتيءَ تي ئي ڌيان ڌريو،
گيتا ۾ آهي هِئن ڪرشن چيو :

(2)

سڦلتا جي آ اِها ڪُنجي،
سچي ڪرم سان ٿيون سُکي،
محنت ڪي پڻ سڀ ساڻ رکو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوشش سان توهان ياري رکو،
آگيا وڏن جي، آسيس اَٿو،
سُک لاءِ سا، بخشيش اَٿو،
يار سچائي سدا ساڻ رکو،
غلط ڪمن کان پر پري رهو،
مريادا تي پيي ڌيان ڏيو،
گيتا ۾ آهي هِئن ڪرشن چيو :
”جيون ۾ سڀ ڪُجھ ڪرم ڪريو“.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وڻن نظارا

اُڀ سج چنڊ ۽ سوين ستارا،
سي رچيا قادر، ڪَن ٽا اِشارا!

(1)

ڏينهن جو ڏسون، سِج جو گولو،
لڳي اِهو ڄڻ باه جو گولو،
سِج جو پرڪاش ڏينهن جو ڏسون،
روشنيءَ ۾ ئي ڪم ڪار ڪريون،
ڏينهن ۾ پهرين صبح ٿئي ٿي،
اُن ڪان پوءِ منجهند اَچي ٿي،
سِج جڏهن لهڻ تي هُجي ٿو،
وقت سو ڀارو! شام جو ٿئي ٿو،
پوءِ ٿري ڪري، رات اِشارا،
اُڀ سج چنڊ ۽ سوين ستارا،
سي رچيا قادر، ڪَن ٽا اِشارا!

(2)

صبح منجهند رات ٿئي ٿي،
اِن وچ ۾ ئي شام اَچي ٿي،
ڌرتي، سج جي چوڌر ڦري،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن وقت جو ٿو سفر هلي،
ٿئي مندن جو جنم ائين،
اونهارو سيارو تڏهن ٿئي ٿو،
پن ڇاڻيندڙ سرءُ رهي ٿو،
سو مگر ڪنهن کي نہ وڻي ٿو،
سج جي لهڻ جا وڻن نظارا،
اُڀ سج چنڊ ۽ سوين ستارا،
سي رچيا قادر، ڪَن تا اِشارا!



## وقتائتا ٻول

وات ۾ تنهنجي کنڊ پتاشو،
ٻار جيئي شل تنهنجو ڪاڪو!

اَڙي! مان تہ ڪا ٻوڙي ناهيان،
ٻچڙا، ڪرين ڇو ٿو تون واڪو؟

ساراه ڪري ٿو تنهنجي ڏاڍي،
تو ۾ سنڌس ڪو ڪم آ ڦاٽو!

آه مِناڻ جو شونقين گھڻو،
ڪائي تڏهن سون وڙو، چاٽو!

مِنڙا! اڄُ تہ ڏياري ناهي،
نئون وڳو تو ڇا لئہ پاتو؟

ڇمات توکي اَجائي هنئين،
تون سچو هئين، اڄُ آ ڄاتو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اَيمان

اَيمان ٻارو! هٺ ئي آهي،
هٺ جو نتيجو ٻُرو ئي آهي.

ڇڏجي ٻارو! اَيمان اِهو ،
سُنو نتيجو، هٺ جو ناهي!

هٺ هِڪُ رانوڻ هو ڪيو،
انهيءَ سبب ئي، هو برباد ٿيو.

ظلم ڪيڪئيءَ جي هٺ ڪيو،
راجا رام کي هو بنواس مليو!

ٻارو! صلاح ٿوَ، هٺ نہ ڪيو،
نمرتا کي سدائين ساڻُ رکو.

نمي ڪِمي تون تہ نِهار ٻچا،
اُن لئہ ملندءِ پوءِ ڦل بہ مِٺا.

هٺ ٿو ماڻهوءَ جي مَتِ ڦيرائي،
هر جاءِ تي بي عزت ڪرائي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پوليس وارو

(1)

بندوبست رکي پوليس وارو،
خاڪي يا نيري ڊريس وارو!
پوليس گيٽ کي چون ٿا ٿاڻو،
پوليس وارن جو اِهو ٺڪاڻو.
ماڻهن جي ٿا ٻڌن شڪايت،
ڏين سيڻ کي ٿا سي، آٿت.
ڪو تہ ٿئي ٽرافڪ وارو،
سگنل جان ئي ڪري اِشارو.
بندوبست رکي پوليس وارو،
خاڪي يا نيري ڊريس وارو!

(2)

ڳاڙهي سائي جِتِ ٿئي بتي،
خاص طرح کي ٻهن اُتي.
ريڊ سگنل کي جو اورانگهي،
سيٽي هڻي تنهن کي بيهاري.
ڏنڊ ونڻ جي ڊيوٽي پاري،
ڊرائيِور پنهنجو ليسن ڏيکاري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿڌ ۾ ڏکائيندڙ هُجي سيارو،
برسات يا، اونهارو،
بندوبست رکي پوليس وارو،
خاڪي يا نيري ڊريس وارو!



## فوجي

فوج ۾ فوجي هوندا آهن،
سرحدن تي پهرو ڏيندا آهن.

(1)

فوجين کي ئي چون سپاهي،
آڻن دُشمن جي سي تباهي،
آهه، عجيب ئي ڊريس اُنهن جي،
آهه سجاڳپ سا، تِن جي،
جنگ چڙي تہ کڻن بندوقون،
جي ٽرڪ ۾ رکي هلن ٿا توبون،
پيٽرولنگ لاءِ آ، ٽِرڪ اُنهن جي،
ڪتي بہ وجھ جي سهوليت تِن کي،
ديش جا رکشڪ سڏبا آهن،
فوج ۾ فوجي هوندا آهن،
سرحدن تي پهرو ڏيندا آهن.

(2)

ٽِيون پڙوسي مُلڪن سان جنگ،
تِن کي مات ڪرڻ جو هُئن اُمنگ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارگل تي جڏهن هو ٿيو حملو،
ڊُڪي ڪيو فوجين هو مقابلو،
هر پيري ڪي ٿيا شهيد هئا،
ٿيِ تِن لاءِ سماڌي برپا،
قومي ڏينهن تي نمائش ڪندا آهن،
فوج ۾ فوجي هوندا آهن،
سرحدن تي پهرو ڏيندا آهن.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شيام سُندر



اُپ ۾ جئن بادل ڪارو،
تيئن شيام سُندر مرليءَ وارو.

(1)

ماتا يشودا جو پيارو هو،
چوريءَ مکڻ پر، ڪائيندڙ هو،
عجيب هئا اُن جا ڪي نخرا،
بانبڙا پائيندو هو تڪڙا،
مکڻ جو ڪُنو جِتِ هوندو هو،
ڏُکي ڏُکي اُت ويندو هو،
چور مکڻ جو هوُ سڏبو هو،
اَکيون مهٽي پوءِ روئندو هو،
ڏُک بہ يشودا کي ٿيندو هو،
جو، يشودا جو هو ڏُلارو،
اُپ ۾ جئن بادل ڪارو،
تيئن شيام سُندر مرليءَ وارو.

(2)

نچڻ ٽپڻ ۾ شونق گهڻو،
ڌڏهن تہ گوپين کي وٽيو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چونديون اچ او پيارا،
ماتا يشودا جا ڏُلارا،
ڪرِ نہ پري ڪان تون اِشارا،
اُهي اَچي هنج ۾ ڪٽنديون،
راند اُنهيءَ ڪي سي ڪرائينديون،
هوُ نٽ ڳٽ ڏاڍو ڪيچل وارو،
تڏهن تہ لڳندو هو پيارو،
اُپ ۾ جئن بادل ڪارو،
تيئن شيام سُندر مرليءَ وارو.

(3)

ٻاتو ڪُجهہ هوُ ڳالهائيندو هو،
سمجهي نہ ڪوئي پائيندو هو،
تڏهن تہ هرڪو پائيندو هو،
پنهنجي پاڪُر ۾ آڻيندو هو،
نند بابا جو ڪيس ڏُلار مليو،
تڏهن تہ خوش ڪنعيو هو،
ماتا يشودا جي اکين جو تارو،
اُپ ۾ جئن بادل ڪارو،
تيئن شيام سُندر مرليءَ وارو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## آنءُ امان

ڪم ۾ مونسان پڇي نہ ڪيرُ،
آنءُ اَمان هڪ ننڍڙو شيرُ!

جهيڙو جهڳڙو ڪين ڪريان ٿو،
ڪڏهن نہ رڪان ڪنهن سان ويرُ!

ٻيا پلي ڪائن پيا ننڍڙا ٻير،
مان تہ مگر ڪاوان صوفي ٻير!

چاءِ باهہ لڳي ڪائي آ هِتي؟
چو اَمان! رک جو هي ڍيرُ؟

چئي اَمان تي ”تڪڙو تڪڙو اَچُ“،
”منهنجو تہ اَمڙ! آ ننڍڙو پيرُ!“

اَسان جي گهٽيءَ ۾ چا ٿيو آ؟
چو ڏسجي اڄُ ماڻهن جو ميڙ؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وڻ ۽ ٻيلا



وڻ ۽ ٻيلا ڪٽجن پيا ٿا،
رستا ويڪرا ڏسجن پيا ٿا!

شهري ڪرڻ جو آهِ بهانو،
آڪسيجن وَجھ گھٽجن پيا ٿا!

جئن جئن آڪسيجن ٿي گھٽجي،
ساهه ماڻهن جا گھٽجن پيا ٿا!

جتي هُجن ٿا مِل، ڪارخانا،
پردوشڻ جا، چانس رهن ٿا!

ڪجي ڪڏهن پِي نہ گندگي ڪِٿي،
رشتا جي، صحت ساڻ رهن ٿا!

جتي هجن ٿا باغ ۽ بغيچا
صحت ڪي سي سُرهاڻ ڏين ٿا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## قدرت

پياري لڳي ٿي سڀ کي قدرت،
خاص آ ٻارن کي، ڏسڻ جي حسرت!

(1)

جهنگ جتي پيو، ڏِسون اَسان ٿا،
اُتي پهاڙ سان مِلون اَسان ٿا،
جَهرِ جَهرِ اُتِ ئي نديون وهن ٿيون،
سي ڪشش جو باعث بڻن ٿيون،
قادر آهي قدرت ٺاهي،
شڪل اُن ۾ رب جي سَمائي،
سونهن ڏين جهنگ ۽ وڻ ٿا،
نيڻ ڏسڻ ڪان ڪينَ رُڪن ٿا،
آهه اِها عجب سندي نعمت،
پياري لڳي ٿي سڀ کي قدرت،
خاص ٻارن کي، ڏسڻ جي حسرت!

(2)

قادر قدرت آ سجائي،
آهه روشني پيي سج ۾ سمائي،
چنڊ وٽ اِها اُڌار ۾ آئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظر مگر سا، رات جو آئي،
اُڀ ۾ تارن جي راند هلي،
جِهرمِر تن جي ٿي خوب سجي،
سرسبز وري ميدان هِتي،
سونهن سان سينگاريل ڌرتي لڳي،
ڪير سَلي ٻارو! ڳجھارت؟
پياري لڳي ٿي سڀ کي قدرت،
خاص آ ٻارن کي، ڏسڻ جي حسرت!



## رموٽ جو زمانو ....



هٿ رموٽ تي جڏهن هلي ٿو،
ڊور، ڪار جو ڪُلي پوي ٿو.

(1)

رموٽ جا آهن، لاپ اَنيڪ،
اُپيوگ ڪرڻ جا ٿن، ماڳ انيڪ،
هاڻ جهاز بہ، رموٽ تي هلن،
ڪمُ اِهي بيا پي ڪيڏا ڪن،
رموٽ تي آڏار رکون ٿا،
ڪَمَ تہ گهٽا اُن مان ڪريون ٿا،
آڏار تہ اُن جو ئي رهي ٿو،
رموٽ تي جڏهن هٿُ هلي ٿو.

(2)

هاڻ تہ روبٽ ڪار ناهن ٿا،
۽ ڪار کي سي پئنٽنگ ڪن ٿا،
آرڊر تي ٿا ڪاڏو ناهن،
سولي راه اَسان جي بڻائن،
رانديڪا بہ رموٽ تي هلن،





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻار جا هٿ اُن تي رهن،
ڏيان سڄو ئي خاص رکن،
جيڪو ڪپي بٽڻ دٻائن،
رانديڪن سان راند رچائن.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رابوٽ

نس پس ٻارو! ماڻهو لڳي ٿو،
سچ پچ ته ’رابوٽ‘ هجي ٿو؟

(1)

آهي اِهو هِڪُ ماڻهو مشيني،
اِنسان کي آ، سهوليت گهڻيئي،
آرڊر تي ٿو سڀ ڪم ڪار ڪري،
جيئن چئون ٿا، تيئن ٿو هلي،
هي وگيان جو ڪرشمو آهي،
اِهو وگيانن آهه ڇڏيو ناهي،
مگر اِهو ته مهانگر لڳي ٿو،
شاهوڪارن لاءِ خاص هجي ٿو،
نس پس ٻارو! ماڻهو لڳي ٿو،
سچ پچ ته ’رابوٽ‘ هجي ٿو...

(2)

هاڻ ته رابوٽ ڪار هلائن ٿا،
۽ ڪار کي سي پئنٽنگ ڪن ٿا،
آرڊر تي ٿا ڪاڏو ناهن،

سولي راه اَسان جي ٻڌائن،
ديش اَسان جو شاهوڪار نہ آ،
رابوٽ جو ڪو، ڪَمُ ڪار نہ آ،
وديشن ۾ ئي اُهو هجي ٿو،
نس پس ٻارو! ماڻهو لڳي ٿو،
سچ پچ تہ ’رابوٽ‘ هجي ٿو....



# عجيب رانديڪو



رانديڪن ڪي ٿو رموٽُ هلائي،
چابي ڦيرائڻ جي گهرج نہ آهي!

(1)

وگيان يُگ جو فائدو ونن ٿا،
هاڻ تہ رموٽُ هٿ ۾ رکن ٿا!
گهر ۾ ويني ڪيڏن سڀيئي،
مزو وِندُر جو ٿا ونن سڀيئي،
پاڙي جا پيي گڏجي وِهن ٿا،
هڪ جيڏا جي، يار هُجن ٿا،
رانديڪن ڪي ٿو رموٽُ هلائي،
چابي ڦيرائڻ جي گهرج نہ آهي!

(2)


گهر ۾ ئي تہ ٻال مندرُ آهي،
ٽيچر هڪڙو گهر ۾ آهي،
پهرين ٿا "الف_ بي" لِکڻُ سِکن،
پوءِ ٿا سي، انگريزي سِکن،
رِموٽ تي ٿا رانديڪا هلائن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوش ڏاڍو سَڀيئي ٻار آهن،
روز اَچي ٽيچر ٽو پڙهائي،
رانديڪن کي ٽو رموٽُ هلائي،
چاٻي ڦيرائڻ جي گهرج نہ آهي!





## پائينيپل

ناريل جيان ئي هوندو آهي،
پائينپل ئي سو سڏبو آهي!

چلي اِنهيءَ کي ڪٽبو آهي،
گول گول چڪرا ٿي پوندو آهي!

سواد ۾ آهي سو، ڪٿو مِٺو،
آهِ گهڻن شوق سان ورتو!

فروٽ مثل ئي هي لڳندو آهي،
ٻارن کي ٻه ڏاڍو وڻندو آهي!

ٿونِڪ وانگر ٿا سمجهن اِن کي،
”وٽامن سي“ ٿا پائن اِن ۾!

ميوا ٻيا ڪائي بورُ ٿيون ٿا،
تڏهن تہ پائينيپل ونون ٿا!

ٻارو! توهان بہ سو ڪائي ڏِسو،
مائٽن کي چئي سو، وٺي اَچو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پکي نرالو

چبرو آهي پکي نرالو،
رات ۾ ئي پر، اُڏڻ وارو!

(1)

ڏينهن سڄو ڪنڌهر ۾ رهي ٿو،
ڪنهن پٽ تي چنبڙي پوي ٿو،
ڏينهن سڄو ئي آرام ڪري،
رات جو اُڏڻ لاءِ ٿو اُٿي،
شِڪل ۾ عجيب قسم جو آهي،
ٻارن کي تہ ڊپُ لڳندو آهي،
هرڪو ئي پرتي ڀڄندو آهي،
وڻ چوڌر سڀ ڦيرا پائن،
ڪائن الائي ڪاڏو ڪھڙو؟
چبرو آهي پکي نرالو،


(2)

گهاٽي وڻ تي اَچي وِهن،
رکي رکي ٿا هوُ وري اُڏن،
چبرن جي جڻ فوج لڳي ٿي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوجين جيان ئي پريڊ لڳي ٿي،
آواز الائي ڪن ٿا ڪهڙا؟
لڳن نٿا سي پکين جهڙا،
مينهن وسي تہ چُپ رهن ٿا،
ٿارين تي ڇُهٽي وِهن ٿا،
ڪي برسات ۾ بہ پُسن ٿا،
اِسنان ڪري واپس اَچن ٿا،
موج ۾ هجن جي ڏينهن جهڙالو،
چہرو آهي پکي نرالو،
رات ۾ئي پر، اُڏڻ وارو!





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وڪاس جو نعرو

لڳي پنهنجو سڀ کي وطن ٿو پيارو،
مگر آهه پارت جڳت کان نرالو!

(1)

رشين ۽ مُنين جو رهيو مُلڪ آهي،
ڏنو اَمن جو ئي تہ منتر آهي،
ڪيا حملا ڪئين پڙوسين جڏهن پي،
ڪئي جنگ دائم سپاهين تڏهن پي،
رکيو مُلڪ جو تِنِ آ مانُ سدائين،
لکايو شهيدن ۾ نام آ سدائين،
سلامي ڏيو سڀ اُنهن کي اوهان پي،
ڪئي آ لڙائي بڻي جوان ٿي،
جنگ ۾ بهادريءَ کان سوئي هاڪارو،
لڳي پنهنجو سڀ کي وطن ٿو پيارو.

(2)

هٽن جنگ بدران وڪاس جو نعرو،
اَچي ڳوٺ ۾ هر جاءِ بہ ڪو سُڌارو،
ڏِسن خواب اڳوان سمارٽ شهر جو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سواگت ڪيو سڀئي گڏجي لهر جو،
آ، سهڪار سان ئي جهان ۾ اُنتي،
اِها ٻارو، سمجهو وڏي ڪا شڪتي،
ڏسون ٿا غريبي وطن ۾ اَسان جا،
سا ويندي، هتان اُٿم پڪ سا،
رهي شال اوچو وطن جو ستارو،
لڳي پنهنجو سڀ کي وطن ٿو پيارو.



## ياد اَچي ٿي

جڏهن بجلي بند ٿئي ٿي،
تڏهن ڏِئي جي ياد اَچي ٿي!

(1)

وگيان پيو پل ٿو ترقي ڪري،
هٿ جو هنرُ ڪڏهن پر ڪم اَچي،
غريب ناهن ٽا جيڪي ڏيئا،
سي، جهوپڙين ۾ خاص رهيا،
اِها غريب لاءِ نعمت آهي،
ڄڻ ڀڳوان جي غنيمت آهي،
ديپڪ ۾ تہ تيل وٽ رهي ٿي،
تڏهن اِهائي جوت ٻٽي ٿي،
ديپڪ وڪڻڻ ويندا آهن،
جتِ بجلي ناهي، ڏيندا آهن،
هٿ جي پورهئي ۾ وشواس،
تنهن سان هر ڪم ٿو ٿئي راس،
هاڻ تہ نهيو آ هٿراڏو پاور،
تنهن سان ڪَن ڪي روشن گهر،
بارات هلي ٿي ٻئنڊ باجي سان،

راتِ چمڪي ڳئس بلبن سان،
خاص تہ ٽيوب لائيٽ جلي،
رستن تي ٽي ڳاڏن ۾ هلي،
شاديءَ جا ٿين ٿا شادمانا،
اُتي ’ڏيئن‘ جي ناهي نہ معنيٰ.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قلم



ٻارو! قلم ڪرامت وارو،
جڳ ساري ۾ هاڪارو!

جڏهن ٻه لکڻو هجي آسان ڪي،
قلم ٿو ڪتب اچي آسان ڪي.

قلم هڪڙو سليٽ تي لکڻ لئه،
ٻيو وري ڪاپيءَ ۾ لکڻ لئه.

اوهان ته پهرين سليٽ ڪنئي،
پوءِ ڪاپيءَ لئه بال پين ڪنئي!

پينسل ڪم ۾ ٿي، پهرين اچي،
پوءِ ئي بال پين هٿ ۾ ملي.

پينسل سان ٿا ڊرائنگ ڪيون،
اِن لئه پر پنو ٿا اچو ڪڍون!

اچي قلم سان ئي ڪرانتي،
اخبارن وارن آهه سا آندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڏاڏو



رات پنيان ٿي پريات اَچي،
ننڊ مان ڏاڏو ٿو جلدي اُٿي.

پهرين هٿ مُنهن ڌوئي ٿو،
پوءِ ئي هوُ برش ڪري ٿو.

تنهن بعد ئي ٿي ڏاڏي اُٿي،
چانهه ناهڻ، رنڌڻي ۾ اَچي،

تيسين ممي پپا ننڊ ۾ هجن،
ڪين اَسان کي بہ اُٿڻ ڏين.

پوءِ ٿو مارننگ واڪ ڪري،
چوي : ائين ئي ٿي صحت نهي

شام جو اُٿي تہ پڳڙا کائي،
پوءِ ٿو پاڻي پيئڻ چاهي!

ڪڏهن اگر جي پڳڙا نہ هجن،
پاپڙ، گهر وارا ٿا ڏين!

پوءِ تہ ٻارن سان باغ وڃي،
گڏجي تِنِ سان ٿو سئر ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رکڙي تهوار



ڏاڳي جي هيءَ ناهيل رکڙي آ،
ڀيڻ جي، ڀاءُ لاءِ هٿ ڪڙي آ!

ساوڻ مهني جو تهوار آهي،
پوترتا جو جڻ بهار آهي!

ڀاءُ ڀلي ته ڪٿي به هجي ٿو،
رکڙي ٻڌائڻ هلي اَچي ٿو!

ڀاءُ جي ٿئي شل! عمر وڏي،
آ ڀيڻ اِهائي آس رکي!

جهوني رسم، هلندي اَچي ٿي،
نئين طريقي سَجندي اَچي ٿي!

رکڙيءَ جا گُلن دُڪان ڪيئي،
ماڻهن جا اَچن حشام ڪيئي!

هاڻ نئين ڍنگ جون رکڙيون،
ڀينرن چاه مان چونڊيون رکڙيون!

ڀيڻ جي رکشا جو قسم کڻي ٿو،
سَڏُ ٿيڻ تي جهٽ هلي اَچي ٿو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چوماسو



چار مهينا ٿئي چوماسو،
برسات جو چڙهه تہ تماشو!

جوُن کان ٿي شروعات ٿئي،
سيپٽمبر تائين ساءِ رهي!

چوماسي ۾ ڪيت سُهانا،
خوش ٿي ڳائن ڪُڙمي گانا!

اناج جا ٿا پندار اُتي ٿين،
ڪڙمي خوش ٿي سي وڪڻن!

جنتا جا شپ چنتڪ آهن،
سمجهندا ڌرم، محنت آهن!


وگيان يگ سان گڏ ٿا هلن،
۽ ٽرئڪٽر جڳ جو اُپيوگ ٿا ڪن!

هَر مُند کي پنهنجي اَهميت،
چوماسو ٻارن لئہ نعمت!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻڌايو تہ ....



سِڱ ڪنهن کي ٿيندا آهن؟
جانور پلاءِ سي ڪهڙا آهن؟

موسم ڪهڙي ٿئي سُهاني؟
جڳ تو لڳي جڻ ڦلواڙي!



ڪهڙي جانور مان پشم ملي؟
جنهن مان سويٽر پشم نهي!

ڪير ڏئي تو جو طاقتور ٿو،
ڪهڙو هجي سو، جانور ٿو؟



ڪهڙي جناور، ٻڌايو ٻارو!
ڳانڍيءَ کي هوم ڪير پيارو!

ڳانيون مينهون چاري جيڪو،
ڪهڙي نالي سان، سو سڏبو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻارن لاءِ رانديون

ٻارن لاءِ گهڻيئي رانديون ٿين،
موج اُهي ٿيون ٻارن کي ڏين!



چوماسي ۾ ٻيڙي تارن،
ڪاغذ مان تا اُهي ناهن!

ڪاغذ مان تا جهاز ناهن،
ناهي، اُپي ڏي سو اُڏائن!

واندو وهڻ تو ڪين اَچي،
ٻارُ، وِندر سان چاه رکي!

آرتوار جي تا موج ماڻن،
راند ڪيرم جي ڪندا آهن!



هاڻ تہ ڪرڪيٽ راند وٽي،
بئٽ بال هَٿَ ۾ سيکو ڪٽي!

ٽيم ٺاهي کيڏن راند اُها،
ٻيءَ ٽيم جي سامهون ٿيا!

وئڪيشن ۾ ڪين خاص مزو،
ٻاهر وڃڻ جو موقعو اِهو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڇا کپي؟

جيئڻ اَسان جي، چاهيون ٿا،
ڪجهه کائون ۽ ڪجهه پيئون ٿا!

سڀ کان پهرين ٻارو ڇا کپي،
ٻين ڇئين ڪلاڪي پياس لڳي.

پهرين پيئڻ لاءِ جَلَ جي ضرورت،
ٻک کي مٿائڻ لا اَن جي اَهميت.

کاڌي ٻِن ٻہ ٿي ڏينهن جيئون،
پاڻيءَ ٻِن ائين جي نہ سگهون!

ميوا مالدار کائي پيٽ ڀري،
اُپواس ٻہ ٿي ڏينهن ڪري سگهي.

غريب ڪيئن ميوا خريد ڪري؟
هڪڙو ڏينهن ئي ٿو اُپواس رکي!

ٻار ٻہ هِڪُ ويلو ورت رکن،
ستنارائڻ ڏينهن چوندي ڪٽن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاص ماءُ کي مجيندا آهن،
ريس اُنهيءَ سان ئي ڪندا آهن!

پياس بُجهائڻ لاءِ جَلُ تو ڪپي،
بک کي مٽائڻ لاءِ اَنُ تو ڪپي.

جيئڻ اَسان جي چاهيون ٿا.
ڪجهه کائون ۽ ڪجهه پيئون ٿا!

# فرج ۽ ڪوُلر



گهر گهر ۾ هاڻي فرج ڏِسون،
۽ ٻيو وري ڪوُلر تا ڏِسون!

مهمان جي گهر ۾ ڪهي اَچن تا،
پاڻي ٿڌو فرج جو سي پيئن تا.

ڪاڏي جو سامان رکون تا،
زيان اُن جو ڪين ڪيون تا.



ميون لاءِ تہ فرج مفيد آهي،
ڪڏي کائون جڏهن دِل چاهي!


ڪولر بہ تہ ڪارائتو آهي،
پر وقت تي ڪم ايندو آهي.

مگر اِهو هوا جي لئہ آهي،
ڪم ايندو، ڪاڏي لئہ ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٽيڪم جو ٽوپلو



ٽيڪم دائم ٽوپلو پائي،
پائي سو، اَنگريز سڏائي!

جڏهن بہ ٽو هو ٽوپلو پائي،
انگلش ڏُن ۾ ٽو گانو ڳائي!

دوست سڏائي پاڻ وٽ اَچي،
تِنِ جي سامهون ٽو ڊانس ڪري.

ممي ڊئڊي جڏهن ڪيس ٽوڪين،
چوي، ”مان تہ اُن جو شونقين آهيان!“


هڪ ڏينهن هُن هو، انگريز ڏِٺو،
تنهن ڪي مٿي تي ٽوپلو هئو.

بس اُن ڏينهن کان ڏِسون ٽوپلو،
چون ڪي ٽا : ”هو ٽو لڳي ڪوبلو!“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## من جا سچا



ٻارَ سدائين سچ ٿا ٻولين،
ڪوڙي کي ڪوڙو چون.

ڪين ڏين مائٽ سنسڪار سُٺا،
”رکو سڀن سان، وهنوار سٺا!“

اَنت شنتَ جي، ٿا ٻولين ٻارَ،
تِنِ کي ڪن ٿا پاڻ ڪان ڌار!

رکن صفائي ڪٽن سٺائي،
جڻ تہ اِنهن لئہ اُها مٺائي!




جڏهن وڏا ڪي ڪوڙ ڳالهائن،
ڪوڙو سي، چئي ڏيندا آهن.

هُنر سکڻ جو شونق رکن ٿا،
اُهو سکڻ لئہ منتظر رهن ٿا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موڪل جو ڏينهن




جڏهن ٻہ هِت ڪو تهوار اَچي،
ڏوم ٻارن جي ٿي اُتي مچي!

(1)

ٻار ڏِسن ڪئلينڊر ۾ آرتوار،
ڪي پڇن ٿا مائٽن کان ٻار،
راند ڪرڻ لاءِ واجهائن ٿا،
گڏجي پارڪ ۾ ٽولا ناهن ٿا،
ڪي ڪئلينڊر ۾ تهوار ڏسن،
ڏسي ڏاڍو ئي خوش ٿا ٿين،
پوءِ وجي هوُ ٿا نچن ٽپن،
دل ۾ تِن جي اُڌما اُٿن،
جڏهن ٻہ هِت ڪو تهوار اَچي،
ڏوم ٻارن جي ٿي اُتي مچي ...

(2)

ٻارو! ديش ۾ تهوار گهڻيئي،
پيارا لڳن ٿا اُهي، مڙيئي،
هولي، ڏياري خاص هجن ٿا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوراتريءَ تي اُپواس رکن ٿا،
”هولي“ رنگن جو تهوار آهي،
خوش هرهڪ تڏهن ٻار آهي،
ڪرسمس موڪل جو ڏهاڙو،
عيد ٻہ موڪل جو ڏينهن پيارو،
موڪل تي خوشيءَ جو اِظهار ڪري،
جڏهن ٻہ هِت ڪو تهوار اَچي،
ڌوم ٻارن جي ٿي اُتي مچي!






# سرڪار جي نيتي



هاڻ نهي ٿي سمارٽ سٽي،
سرڪار جي سا ڳالهه سُني!

شهر وڏا ڏيان ۾ آهن،
اَحمداباد مثل ٻيا پڻ آهن.

سرڪار ٿي آٽي عمل ۾ نيتي،
ساراه سندي اِها ٿي نيتي!

روڊ وڏا هاڻ ٿين پيا ٿا،
ڪاريڊ راس سي ٿين پيا ٿا!

حادثا ٿيڻ گهٽجي ويندا،
ويهيڪلس پو مزي سان هلندا.

شهريڪرڻ جو ڪِريز هلي،
ڳوٺن جو اِئن ٿو ڀاڳ کُلي!

ٻارو! اِهوئي راڳ هلي ٿو،
سرڪاري سو، ساز وڄي ٿو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڇير

ڇم ڇم ڇم ڇم ڇير وڄي ٿي،
ٻارن کي سا، خوب وڻي ٿي!

(1)

نرتيہ ڪني ٻہ ٻار ڏسن ٿا،
خوش ٿي ڏاڍو سي وجن ٿا!
ناچ ڪري ٿي جڏهن ناچڻي،
ٻارن ۾ اَچي پوءِ موج گهڻي،
خود پاڻ ٻہ نچڻ لڳن ٿا.
البيلا ٿي موج ۾ اَچن ٿا،
ڇم ڇم ڇم ڇم ڇير وڻي ٿي،
ڇا تہ نرتڪي پير ڪڻي ٿي،
ڇم ڇم ڇم ڇم ڇير وڄي ٿي ...

(2)

ڇم ڇم ڇم ڇم ڇير نرالي،
سا سنگيت سان ڪري متوالي،
اِسٽيج جي سامهون ويٺا آهن،
دير گهڻيءَ کان اُت ويٺا آهن،

ڇو جو تِن لاءِ ڪُرسيون ناهن،
وينل ٻار ٿا تاڙيون وڄائن
۽ نرتڪيءَ جو اُتساه وڌائن،
ڪِن ڪان ڪِل نڪري وڃي ٿي،
ڇم ڇم ڇم ڇم ڇير وڃي ٿي ...


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اَڪيلائي

اَڪيلائي ٻارن کي نٿي وڻي،
اُها اُنهن کي ٿي بور ڪري!

دائم تِنِ کي شور وڻي ٿو،
سُڪون تِن کي گھٽو ملي ٿو!

گڏجي پاڻ ۾ سدا رهن،
شور گُل جي ٿا موج وٺن.

لِڪ چپ راند ڪين وڻي ٿي،
ڪرڪيٽ تہ پر پياري لڳي ٿي.

ٽيم ٿو هرڪو پنهنجي ٺاهي،
هڪ ڪئپٽن بہ ٻڌبو آهي.

ڪوئي ٿو وڪيٽ ڪيپر ٻڻي،
بئٽس مئن جي پويان بيهي.

بالر بولنگ پوءِ ڪندا آهن،
ڪي اِسپِنَر اُت هوندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فاسٽ بالر پھرين اَچن ٿا،
ٻہ چار اوور بولنگ ڪن ٿا.

وڪيٽ اُنھن کي جھٽ ملندي آھي،
شروعات وڪيٽن جي ٿيندي آھي.

پوءِ اِسپيَنر ايندا آھن،
وڪيٽون اُھي وٺندا آھن.

اَڪيلائي ٻارن کي نٿي وڻي،
اُھا اُنھن کي ٿي بور ڪري!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## آشا ۽ همت

ڪيون ٿا، جي سُستي وجن پَلَ اُڏامي،
ڏِيون ٻارو! هاڻي تہ چُستيءَ کي سلامي!

سدائين اُهي ٿا، آزادي ئِي چاهِنِ،
سهي ڪين سگهندا، اُهي غلامي!

ڏٺو ديش ٻارو، غلاميءَ جو سايو،
رهيو ٿي اُهو هر وقت غم ۾ مدامي.

نراشائي ٻارو اَٿو موت وانگر،
وجي ڪين هرگز اُميد ڏيئو وسامي!

وٺي پئسا جيڪو، خوشامد ڪري ٿو،
ملي ٿي لالچ، وجي ٿو وڪامي.

ڪڏهن ڪين هارَ، ملي اُنهن کي،
وجي ٻانهن جنهن همٿ جي ٿامي!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ميٽرو ٽرين

غريب لوڪل ٽرين ۾ چڙهن،
اُن ۾ پيي ڪيڏو تا خوش ٿين!

ڪي ڪي فاسٽ ٽرين پڪڙن،
ٿورو جلدي ماڳ تي پهچن!



ٻارو! ميٽرو ٽرين ٻہ ٿئي،
طوفان مِثل ئي، سا تي هلي!

اَڪ چنبي ۾ منزل پهچائي،
ليڪن ڏنوانن لئہ آهي!

شهر ڪان شهر سفر ڪرائي،
خاص ڪمن لاءِ ڪارگر آهي!

وگيان يُگ جي آ دين اِها،
تڪنيڪي يُگ جي آ ڪلا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڏاڏو ڏاڏي

گوري رنگ جي هئي منهنجي ڏاڏي،
وڻندي هئي پيءُ کي سا ڏاڍي!

سانوري رنگ جو پر ڏاڏو هو،
گهڻو پيار، زال کي ڪندو هو!

ڏاڏو ـڏاڏي مون نہ ڏِٺا هئا،
سياءُ ديالو سي رکندا هئا!

پتا هميشهہ ٻڌائيندو آ،
ساراه خوب پڻ ڪندو آ!

ڏاڏي نڪ ۾ نٿ پائيندي هئي،
ڪڙتو سُٿڻ ئي پهريندي هئي!

واه! ستن ٻارن کي جنم ڏنائين،
صحت تڏهن پيي قائم رکيائين!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڏو خميس ڏوتي پائيندو آ،
رواج اُتي بس اِهو ئي هو.

سنڌ مان اَچي هند، ڏنڏو ڪيو،
منڊي ڪان ئي هو، واپاري هو!

ٻہ وڏا پٽ خاص نہ پڙهيا،
منهنجي پيءُ کي چانس مليا!




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪئلشيم جي طاقت

ڪئلشيم مضبوط هڏا ڪري،
اِهو مڇيءَ ۾ ڏاڍو گهڻو رهي!

کير ۽ ڪيلي ۾ به اِهو هجي،
زور اُنهيءَ تي به ته ڏِجي!

ڪيلو، کير غريبن لاءِ آهي،
هرڪو ٻار اُهو وٺي، ورتائي!

تيل مڇيءَ مان ڪڍندا آهن،
ضعيفن کي مالش ڪندا آهن!

هيءُ وٽامن ئي ڏاڍو سڌُجي،
اِهو به بازار مان ڏاڍو ملي!

ميڊيڪل تان مِلن ٽيون گوليون،
ڪئلشيم جون سي سڌُجن گوليون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڏبرو ڏِور

ڏبري ڏِور کي اَتو مڇر گهڻا،
ٻارو مشهور آ، چوٽي اِها!

جتي وهي ٿو ته مڇر اَچن ٿا،
ڇَڪن سان سي حيران ڪن ٿا!

مڇر تين ٿا گندي پاڻيءَ تي،
هِتي هُتي نه اُڇليو پاڻيءَ کي!

گندگي ڪرڻ آ، بُري عادت،
رکو متان توهان اُها، عِلتَ!

بيماري مليريا ڦهلجي ٿي،
موت مارء اُها ٿئي ٿي!

ڊينگو مڇر ته خطرناڪ گهڻا،
سرڪار وٺي ٿي اُپاوَ گهڻا!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڇرمار پائوڊر تي ڇٽڪائي،
خاص طور برسات ۾ ڪرائي!

گهرن ۾ مڇرمار دوا ڇٽڪي،
موت ائين مڇرن جو تو ٿئي!

ڏٻري ڍور ڪي اَٿو مڇر گهٽا،
ٻارو مشهور آ، چوٽي اِها!

## تيز برسات



جڏهن جڏهن ٿي برسات پوي،
ٻارن کي ٿي خوب موج اَچي!

(1)

برسات جي، تيز هُجي ٿي،
اِسڪول ۾ پوءِ، ڇُٽي رهي ٿي،
ٻاهر ٻار جهٽ اَچي وڃن ٿا،
خوش ٿي مينهن ۾ اُهي پُسن ٿا،
ٺينگ ڏيڻ ۾ ڪين مزو اَچي،
جڏهن جڏهن ٿي برسات اَچي.

(2)



ٻاهر پاڻيءَ جا تلاو ٿين ٿا،
ٻيڙيون ٺاهي اُن ۾ رکن ٿا،
تَرندو تِنِ کي اُهي ڏِسن ٿا،
ڪيڏي نہ گهڻي موج وٺن ٿا!
گڏجي رهڻ جي ٿي ڳالھ وڻي،
جڏهن جڏهن ٿي برسات پوي،
ٻارن کي ٿي خوب موج اَچي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غريب جو ٻار



پور پڪوڙن جي ٻار وني ٿو،
رُپيو موٽ ۾ هوُ ڏئي ٿو!

(1)

ٻه ڦلڪا پور سان کائي ٿو،
ڪمُ، ڀاڄيءَ بنا هلائي ٿو،
ٻارُ هي غريب جو آهي،
سدا، غريبيءَ ۾ ٿو گذاري،
تنگ نہ مائٽن کي هو ڪري ٿو،
پور پڪوڙن جي ٻار وني ٿو،
رُپيو موٽ ۾ هوُ ڏئي ٿو!

(2)

راتِ جو پاپڙ سان ڪچٽي کائي،
ڀاڄيءَ جي لئہ پر، ڪين ستائي،
مائٽ پيي ٿا ٻُچڪار ڏين،
آسيس هٿڙو سِرَ تي رکن،
ٻارُ پيار سان خوش ٿي رهي ٿو،
پور پڪوڙن جي ٻار وني ٿو،
رُپيو موٽ ۾ هوُ ڏئي ٿو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ريتِ رُسڻ جي

ريت رُسڻ جي هيءَ ٻار ڇڏيو،
پرچڻ جي سدائين ڳالهہ ڪريو.

رُسڻ جي تہ عادت آهِ بُري،
مائٽن کي نہ ائين تنگ ڪريو!

ڪري رُسامو ماحول خراب،
اَبن اَسانجي آ، ائين چيو!

هر ڳالهہ ۾ جو، خوش ٿو رهي،
ماءُ ـ پيءُ کي تہ آ، اُهو وڻيو!

عادت پنهنجي ڪپي سُڌارڻ،
سدا اِنهيءَ تي بَس، ڌيان ڏيو!

ڪيٽو، ڪيچل ٻارو! ناهِ سُني،
هر ڪم، ڪِل ۽ خوشيءَ ۾ ڪريو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سفر جا وسيلا

جڏهن بہ ڪيڏانهن گهمڻ وڃون،
ڪارِ يا بسِ ۾ ٿا سفر ڪريون!

شهر جو شهر ۾ اِهي هلن،
ٽرينون مگر ديش ۾ گهمن،
شهر اگر ويجهو هجن ٿا،
ڪي اُتي ڪارون ڪٽي هلن ٿا،
غريب تہ بس ۾ ئي گهمن ٿا،
يا، دوست سان ڪار ۾ هجن ٿا،
ريل اُنهن ڪي سستي پوي ٿي،
لوڪل ٽرين پر خاص رهي ٿي،
لاچاريءَ ڪان تنِ فاسٽ ٽرين،
ڪڏهن ڪڏهن ئي ٿا اُها پڪڙن،
پرديس ۾ ٿا پر، جهاز هلن،
ڌنوانن لئہ ئي اُهي ٿا هجن.

خاص ڪمن لئہ جهاز ٿا ڪپن،
منتري جيڪي، سي ئي ٿا ڪٽن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ ڳهتيءَ ۾ سائڪلون هلن،
شهر ۾ پڻ ڪي تا، اُهي ڪٽن،
ليڊيز سائيڪل ڇوڪريون ڪٽن،
ڪٽي اُهي ٿيون اِسڪول وڃن،
ڇون ”شونق ڪان ئي ٿيون ڪٽون“،
جڏهن به ڪيڏانهن گهمڻ وڃون،
ڪارِ يا بسِ ۾ تا سفر ڪريون!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڀاڄيون



چئي ٽماٽو: مون کي کائو،
ائين ٻانڌ کي ٿلهو بڻايو!
ضعيف بدن کي ائين لڪايو،
ٻين اڳيان نہ پاڻ کي ڪلايو.

پالڪ ٿي چوي مونکي کائو،
منهنجو پلي جوُس بہ بڻايو.
طاقت چو نہ ٿا مونکان وٺو؟
اَچو ڳالهہ سا، منهنجي مڃو.



گوبي ۽ مٽر ٽماٽن چيو :
”پيبندين واڱڻن بہ تہ ٻوليو،
کائي مون کي جلد وڏا ٿيو،
ڳالهہ مڃو، کائي مون کي وٺو!

گجرون چون اَسان کي کائو
کائي اَسان کي، وٽامن پايو.



سگيون بہ چون اَسان کي کائو
پاڻ چو نہ ٿا هيلٿي بڻايو؟
”مون کي کائي قبضي هٽايو“،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهِ ونگيءَ اِئين فرمايو!
لالُ ٽماٽي پيي چيو ڪلي آ،
”رتُ ڪي وڌائڻ، منهنجي خوبي آ!“








www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# طوطو



ٻارو! مان هِڪُ طوطو آهيان،
رنگ سائي جو هوندو آهيان!

ڳاڙهي رنگ جي چهنب آ منهنجي،
طوطيلي پر ٻولي آ، وڻندي!

نيري اُڀ جو اُڏامندو آهيان،
اڪثر ميوا خوش  تي کاوان.

جي چوايو ”مِٺو“ تہ مِٺوُ چوان
اگر، مالڪ جي پڃري ۾ رهان!

ليڪن قيد نہ وڻندو آهي
آزاد اُڏڻ ئي وڻندو آهي.

ٻار! توهان ٿا ڪلاڪار لڳو،
نقل ڪرڻ ۾ هوشيار هجو.

جيئن ٿا چئو، تيئن ڪريو ٿا،
تڏهن تہ سيني کي وڻو ٿا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هاٿي



هاٿي آيو هاٿي آيو،
ڇڻ تہ اَسانجو ساٿي آيو.

سونڊ ۾ پاڻي پري اَڇي ٿو،
ڦوهارو جل جو، هوُ هڻي ٿو.

ٻارن سان ئي، راند ڪري ٿو،
ٻہ پير مٿي، ناچُ نچي ٿو!

فوٽ بال کي لت سا اُڏائي،
سڌو اَسان ڏانهن ڏُڪائي.

ننڍڙو ٻچڙو هاٿي آهي،
ڪُرسيءَ ۾ وِهي پاڻ کي ٺاهي.

دوست اَسان جو، پيارو آهي،
وندر وسيلو نيارو آهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪاڏيِ

ڪي ڪي ماڻهو ڪاڏي پائن،
پوئلڳ، سي گانڌيءَ جا آهن.



نيتائون، پسند ڪاڏي ڪن ٿا،
ڏيري رواج پر سو، چڙن ٿا!

ڪي شونق ڪان پائيندا آهن،
”سادگي اُهائي“ چوندا آهن!

ٻار جڏهن پي ناٽڪ ڪن ٿا،
ويس ڪاڏيءَ جو سي، پائن ٿا.

اڳوانن جان ڏين ڀاشڻ ٿا،
هال ۾ سڀي ڪي، خوش ڪن ٿا.

چون اُنهن کي پوءِ، ڪاڏيءَ وارو
ٻاپو ديش جو گانڌي پيارو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سروپنکا

بن ۾ گهمڻ جا آئي هئي،
لڪشمڻ وٽ سا، پهتي هئي.

سهڻو جوان بنواسي تي لڳو،
اَچي اِرادو شاديءَ جو ڪيو.

اِنڪاري ان کي جواب مليو!
جواب اِهو پر، ڪين وڻيو.

سروپنکا پر، تي هٺ تي بيٺي،
لڪشمڻ جي هُن ڪا، ڪين ٻڌي!

لاچار تي لڪشمڻ نڪ ڪپيو،
ڪيس اِئين ئي هو، خُوارُ ڪيو!

سروپنکا لنکا هئي پهتي،
رتورت نڪ جي حالت هئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راوڻ هُن جو وڏو پاءُ هو،
ڪروڌ ۾ هوُ تي باه ويو.

بدلو وٺڻ لئہ سيتا ويو پڃائي
۽ اَشوڪ بَنَ م ڇڏيو رهائي.

تڏهن رام سان تي هئي لڙائي،
راوڻ جي هئي، تي تباهي!




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جليبيون

گيهه ۾ تريل جليبيون آهن،
چاشنيءَ ٻڏل هونديون آهن!

(1)

آ مِٺاين ۾ هي خاص قسم،
سواد جو سڏجي، خاص قسم،
گول گول ئي هونديون آهن،
گيهه ۾ تريل جليبيون آهن،
چاشنيءَ ٻڏل هونديون آهن .....

(2)

دُڪان مٺاين جو جڏهن اَچي ٿو،
تڏهن جليبين ڏي ڌيان وڃي ٿو،
جڻ ته اَسان کي سڏينديون آهن،
گيهه ۾ تريل جليبيون آهن،
چاشنيءَ ٻڏل هونديون آهن .....

(3)

گھر ۾ پڻ سي ترجي سگھن ٿيون،
زالون خفو پر، ڪين ڪن ٿيون،
آرڊر تي اَچي ويندِيون آهن،
گيھ ۾ تريل جليبيون آهن،
چاشنيءَ ٻڏل هونديون آهن!





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏهي وڙا



ڏهي  وڙا، پائي ڏهي وڙا،
ڪائن وينا سي ڏِسو، گراهڪ گهڻا.

چِٽِ پَٽا تہ گهڻا لڳندا آهن،
ڪائڻ ۾ سوادُ ڏيندا آهن،
خاص شام جو ئي ملندا آهن،
گراهڪ بہ اَچي مڙندا آهن،
زالون تہ ٿين شونقين گهڻيون
۽ ڇوڪريون بہ تہ اَچن ٿيون،.
شونق اِهو مرد بہ رکن ٿا،
گاڏي تي اَچي سي بہ بِهن ٿا،
پيڙ اُتي چڱي لڳندي آهي،
جو، پيل پوري ملندي آهي،
گول گپا پڻ ڪائڻ ٿا اَچن،
ڏهي وڙا بہ ٿا گهڻا وٽن،
اَٿوَ ڏنوانن گهر ۾ گهرايا،
ڏهي  وڙا، پائي ڏهي وڙا،
ڪائن وينا سي ڏِسو، گراهڪ گهڻا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## چنڊُ

ڏينهن پنڌرهن چنڊُ هُجي ٿو،
ڏينهن پنڌرهن ڏسڻ نہ اَچي ٿو!

پهرين ڏينهن تي ليڪ هجي ٿو،
ڏيري ڏيري وڏي وجي ٿو.



ائين ٿين ٿيون چنڊ ڪلائون،
ٻارو! چنڊ جون سي اَدائون!

لِيڪَ، چوٿون، مُنو ۽ اَڌُ،
پنڌ ڪري ٿو جڻ ئي چنڊُ!


پنڌرهن ڏينهن بعد اُماس،
پوءِ پورڻ ماسيءَ جي آس!

اُماس نہ ڪنهن کي بہ وڻي ٿي،
۽ خوشي پونم راتِ ڏئي ٿي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تيرُ ڪمان



ماءُ سان گڏ ٻارُ هُجي ٿو،
گڏجي پوءِ هو بس مان لهي ٿو.

ماءُ سان ئي بزار وڃي ٿو،
تير ڪمان، اُتان وٺي ٿو.

ڪمان تي هوُ تيرُ رکي ٿو،
بيٺل بس ڏي سو، ڇُٽي ٿو.

تير ڪمان پائي خوش آهي،
ڪڏهن ڪُتن کي نشان ٻڌائي.

گهر ۾ اَچي ناستو ڪري ٿو،
تير ڪمان سان ٻاهر اَچي ٿو.

تير هلائي ڏيکاري ٿو،
ننڍن کي ٻہ هو سيکاري ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نانگ بلائون



سُر پُر پٽ تي ڪندا آهن،
پنڌ ائين ئي هوُ ڪندا آهن.

سڏجن اُهي ٿا نانگ بلائون،
دوُر اُنهن کان رهڻ ٿا چاهيون.

ور وڪر ڪري هلندا آهن،
ننڍيا ڪي لنبا ٿيندا آهن.

زهر اُنهن ۾ ٿيندو آهي،
چَڪُ جو لڳي تہ چڙهندو آهي.

جهنگ جهڙ ۾ هوندا آهن،
ڪڏهن گهرن مان نڪرندا آهن.

وير نہ ڪنهن سان رکندا آهن،
بچاوُ لاءِ ڏنگُ هڻندا آهن.


جيت جڻيا ئي کائيندا آهن،
زهرُ تڏهن هوُ پائيندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## آئيسڪريم

ٻارَ ڪي ڪائڻ آئيسڪريم وڻي،
ڪائڻ سا، تو بازار ۾ اَچي!



(1)

مائٽ گڏ ئي هوندا آهن،
ٻار جي خوشيءَ ۾ خوش آهن،
ڏينهن موڪل جو خاص رهي،
ٻارن ڪي ڏاڍي موج اَچي،
ٻارَ ڪي ڪائڻ آئيسڪريم وڻي،
ڪائڻ سا، تو بازار ۾ اَچي ....

(2)

اَگر ڦلودي واري آهي،
ٻار ڪي ڏاڍي پياري آهي،
هڪ بدران تو ٻہ ٻہ ڪائي،
آئيسڪريم وارو ڏئي ٿاهي،
روز آئيسڪريم ڪِڻَ وني،
ٻارَ ڪي ڪائڻ آئيسڪريم وڻي،
ڪائڻ سا، تو بازار ۾ اَچي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بس مان لٺو آ

بس مان ٻارُ هاڻ لٺو آ،
۽ سِڌو هوُ تہ بازارُ آيو آ.

(1)

ڦوڪڻن جي دوڪان تي آ پهتو،
لڪڙيءَ ۾ ٻڌل ڦوڪڻو ورتو،
ڪي بنا ڦوڪيل ڦوُڪڻا بہ ورتا،
تِن مان بہ دوستن کي بہ ڏنا،
ڦوڪڻن سان دل ڏاڍي رکي،
ڪيس اِهائي ٿي وندر وڻي،
موڪل جو ڏينهن سڦلو ڪيو آ،
ٻار جو موڪل سان پيار گهڻو آ،
بس مان ٻارُ هاڻ لٺو آ،
۽ سِڌو هوُ تہ بازارُ آيو آ.

(2)

رنگين ڦوڪڻا ڪيس موهِن ٿا،
موج اَنوکي ٻار کي ڏين ٿا،
ڦوڪي سيني کي ڏيکاري،

ائين اُنهن کي هوُ هِرڪائي،
ڪيسي خرچيءَ مان ڪڍي پئسا،
ٻار سُٺا سپ چئجن اَهڙا.
جن مائٽن کي تنگ نہ ڪيو،
لاپ بچت جو ئي آ، ورتو!،
بس مان ٻارُ هاڻ لٿو آ،
۽ سِڌو هوُ تہ بازارُ آيو آ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## برسات



برسات وسي ٿي برسات وسي ٿي،
۽ ٻارن کي ڏاڍي موج اَچي ٿي.

ڪي تلاون ۾ ٿا ٻيڙيون تارن،
۽ ويني ويني تِن ڏي نهارن!

ٻار ننڍا ڪپڙا لاهي نچن ٿا،
ڦهنگين ۾ پُسڻ جي، موج وٺن ٿا.



برسات تيز تہ اِسڪول بند ٿا ٿين،
پوءِ گهرن ۾ اَچي ٿا نچن ٽپن.

ٻارن جي آ دنيا ئي ڪا نياري،
تڏهن وڏن کي لڳي ٿي پياري!

ڪيچڙ ڳَن ٿا دڙڪا پيي کائن،
تڏهن وري بہ سي، مستيءَ کي پالن!

تلاوَ ٿين تہ ٿا هوُ ٻيڙيون تارن،
ڪيڏا نہ ڏِسو هوُ موج ۾ آهن!

ٻيڙين جي ٿا سڀ ريس پڄائن،
چالاڪ راندِ مگر، ڪٺندا آهن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڊولُ وڄي ٿو

ڊولُ وڄي ٿو ڊولُ وڄي ٿو،
هرڪو ٻارو، اوڏي ڊُڪي ٿو.

(1)

ٻارن لاءِ آهي ونڊُر نياري،
آهي ڏاڍي تِن کي پياري،
موج ۾ اَچي هوُ بہ نچڻ لڳن،
موقعي جو ٿا سڀُ لاڀُ وٺن.
خاص ڳوٺ ۾ جيڪي ٿا هجن،
سي پنهنجي وَس ۾ ئي نہ رهن،
هرڪو مستي مخول ڪري ٿو،
ڊولُ وڄي ٿو ڊولُ وڄي ٿو ....

(2)

ڊول جو انوکو رولُ ٿئي ٿو،
ناٽڪ وانگرُ سو، هوُ ڪري ٿو،
ڊولُ بہ ٻارو اَٿوَ ناٽڪ بازُ،
شور جو ڪري ٿو آغازُ،
ڊولَ اَندر هڪُ پولُ ٿئي ٿو،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِن ماڻهن ۾ پيي اُهو هجي ٿو،
پر ڪين اُهو ڪنهن ڪي وڻي ٿو،
ڍولُ وڄي ٿو ڍولُ وڄي ٿو،
هرڪو ٻارو، اوڏي ڍُڪي ٿو.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وڀيشڻ



سڏجي وڀيشڻ ديش دروهي،
مالها هُن پَرَ، نياءُ جي پوئي!

راڻوڻ جو هو، سڳو ڀاءُ هئو،
جنگ جي مگر، هوُ خلاف هو!

وڀيشڻ هُن کي گهڻو سمجهايو،
سيتا کي واپس ڪين موٽايو!

جَنگ وڀيشڻ ٽي روڪڻ چاهي،
صلاح راڻوڻ کي راس نہ آئي!

ڀاءُ جو هُن پوءِ، ساٿُ ڇڏيو،
هُن ساٿُ اَچي رام کي ڏنو!

راڻوڻ جو هونءَ هو موت ڏکيو،
وڀيشڻ اِشارو دُن ڏي ڪيو.

شِو شنڪر جو وردان هئو،
ساه رکيلُ جو، دُن ۾ هئو!

رام تيرُ هو، دُن ۾ هنيو،
راڻوڻ جو ائين پو اَنتُ ٿيو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پکي اُڏن ٿا



جڏهن پکي اُپ ڏي اُڏن ٿا،
ڏاڍي ڏسڻ ۾ موج ڏين ٿا!

(1)


دماغ تڏهن تہ هلڻ لڳي ٿو،
ڪجھ نہ ڪجھ تہ سوچي وٺي ٿو،
پرولين جو پوءِ پلاءُ نهي ٿو،
سپنن جو سنسار سجي ٿو،
ڪي خواب سچا بڻي پون ٿا،



جڏهن پکي اُپ ڏي اُڏن ٿا،
ڏاڍي ڏسڻ ۾ موج ڏين ٿا!

(2)

موتي پکي پوءِ ماڳ اَچن ٿا،
پنهنجي آکيڙي ۾ وِهن ٿا،
ڪِن جا اُتي ٻچا هجن ٿا،
تِن جي وات ۾ داڻا وجهن ٿا،
جڏهن پکي اُپ ڏي اُڏن ٿا،
ڏاڍي ڏسڻ ۾ موج ڏين ٿا!





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بادل

ڪارا ڪارا بادل ڪارا،
برسات جا ڪن سي وسڪارا!

(1)

چوماسي جا چار مهينا هجن ٿا،
چانور، برسات سدا ڏين ٿا،
اونهاري ۾ سي ڏسبا آهن،
اُس کان بہ بچائيندا آهن،
شام سُندر سان پيٽ ڪيون ٿا،
”رنگ روپ اُئن، چئي ڏيون ٿا،
جُهڙ ۽ چانوَ جا ٿين نظارا،
ڪارا ڪارا بادل ڪارا،
برسات جا ڪن سي وسڪارا!

(2)

ڪڪر وسائن برسات جڏهن،
هر جاءِ ٿئي ٿڌڪار تڏهن،
ٻج زمين ۾ پوکيل آهن،
برسات ۾ سي ڪيت سجائن،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاري ناري خوشي منائن،
فصل لڻڻ جا موقعا آهن،
زالون، مرد وڄائن نعارا،
ڪارا ڪارا بادل ڪارا،
برسات جا ڪن سي وسڪارا!




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## Bio Data

**Name** : Heena Agnani 'Heer'
**D.O.B.:** 12/9/1972
**Education** : B.Sc. MLT, MA in Sindhi
**Interested** : Writer, Poet, Columnist, Artist
**Career:** Approved Sindhi News
Reader Cum Translator of AIR Approved Sindhi Drama Artist of Doordarshan and AIR approved Sindhi Announcer of AIR.

**Experience** :

1) 2.5 years of experience as production cum Co-ordinator at GTPL Sindhi TV.
2) Taken more than 100 interviews of Sindhi Great Personalities
3) Produced and directed two documentaries
   - Braham Gyani Swami leelashah,
   - Shaeed Hemu Kalani
   - Media associated at Sindhu Darshan channel

**Book Published :**

1) Shabnam Moti (Poetry) 2017
2) Kari Cheekh (Short Stories) 2018
3) Tatal Taye Jo Sach Translated (2018)
4) Bhagwan Nirdosh Ja Chund Gazal (2018)
5) Asmani Pari Children Poems (2021)

**Awards :**

1) Gujarat Sindhi Sahitya Acadmy Award on Shabnam Moti (Poems) 2017.
2) NCPSL Award Kari Cheekh (Short Stories) 2018.

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book